ABC Certified
REG NO. 3833
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني سنڌيار سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) سومر 25 مارچ 2024ع بمطابق 14 رمضان المبارڪ 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 300

قاضي احمد ويجهو زمين جي مالڪيءَ تان جهيڙي دوران فائرنگ، 7 ڄڻا مارجي ويا، 7 زخمي

پيڄو ٽاٽي جي حد ڳوٺ واحد بخش ڏاهري ۾ مقاطعي تي ورتل ٻنيءَ ۾ ڪڻڪ جي ڳاهه دوران ڏاهري برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو، ڌرين هڪ ٻئي مٿان هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا

فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ ڌر جا 6 ۽ ٻي ڌر جو هڪ ڄڻو مارجي ويو جڏهن ته 7 ڄڻا زخمي ٿي پيا، مارجي ويلن جا لاش ۽ زخمي اسپتال منتقل ڪيا ويا، پوليس پهچي فائرنگ بند ڪرائي

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پاران 7 ماڻهن جي قتل تي افسوس جو اظهار، مون کي ڏاڍو ڏک ٿي رهيو آهي ته رمضان المبارڪ جي پالاري مهيني ۾ اهڙو واقعو پيش آيو آهي: وڏو وزير

علائقي ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال سبب سموري ضلعي جي پوليس کي چوڪس ڪيو ويو آهي ۽ وڏي نفري کي مقرر ڪيو ويو آهي: پوليس پاران وڏي وزير کي بريفنگ

پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري به شهيد بينظير آباد ضلعي ۾ ڏاهري برادري جي ٻن ڌرين ۾ تيل رتوڇاڻ جو نوٽيس وٺي ڇڏيو، رپورٽ طلب ڪري ورتي

انساني جانين جي بي رحماڻي قتل تي دل رت جا ڳوڙها روئي ٿي، ڪنهن کي قانون هٿ ۾ وٺڻ جي اجازت نه ڏئي سگهجي، اميد آهي ته جوابدار جلد گرفتار ٿيندا: بلاول ڀٽو زرداري

قاضي احمد/ نوشهروفيروز (رپورٽرز) قاضي احمد ويجهو زمين جي مالڪيءَ تان جهيڙي دوران فائرنگ ۾ 7 ڄڻا مارجي ويا، 7 ڄڻا زخمي ٿي پيا. پيڄو ٽاٽي جي حد ڳوٺ واحد بخش ڏاهري ۾ مقاطعي تي ورتل ٻنيءَ ۾ ڪڻڪ جي ڳاهه دوران ڏاهري برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو ۽ ٻنهي ڌرين هڪ ٻئي مٿان هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا، فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ ڌر جا 6 ۽ ٻي ڌر جو هڪ ڄڻو مارجي ويو جڏهن ته 7 ڄڻا زخمي ٿي پيا، مارجي ويلن جا لاش ۽ زخمي اسپتال منتقل، 7 ماڻهن جي قتل بعد علائقي ۾ ڏهڪاءَ واري صورتحال پکڙجي وئي. ٻئي پاسي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه نوابشاهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف ريڪوڊڪ بابت اجلاس جي صدارت ڪندي

غلام نبي ميمڻ پيو پيرو آءِ جي سنڌ مقرر، نوٽيفڪيشن جاري

ڪراچي (رپورٽر) غلام نبي ميمڻ کي پيو پيرو انسپيڪٽر جنرل (آءِ جي) سنڌ پوليس مقرر ڪيو ويو. غلام نبي ميمڻ جي مقرري جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي. هو پوليس سروس آف پاڪستان جو 21هين گريڊ جو آفيسر آهي ۽ آءِ جي سنڌ ۽ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي سميت ٻين عهدن تي رهي چڪو آهي. ان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

وزيراعظم پاران ريڪوڊڪ منصوبي جي حفاظت يقيني بڻائڻ ۽ روڊ نيٽ ورڪ ٺاهڻ جي هدايت

اجلاس ۾ وفاقي وزيرن ۽ اهم آفيسرن به شرڪت ڪئي، وزيراعظم ريڪوڊڪ منصوبي تي ڪم ڪندڙن ۽ بندرگاهه تائين لاجسٽڪس جي سيڪيورٽي يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي

منصوبي بابت سڀني اسٽيڪ هولڊرن سان مشاورت ڪانپوءِ سموريون رنڊڪون ختم ڪيون وڃن، ريڪوڊڪ منصوبو روڊ ذريعي گوادر سان جوڙڻ لاءِ روڊ نيٽ ورڪ اپ گريڊ ڪيو ويندو: وزيراعظم

ريڪوڊڪ منصوبي کي روڊ ذريعي گوادر سان جوڙڻ لاءِ موجوده روڊ نيٽ ورڪ جي اپگريڊيشن جو ڪم جلد کان جلد ڪيو وڃي، جتي نوان روڊ ٺهي رهيا آهن انهن جي تڪميل جو ڪم تيز ڪيو وڃي

ريڪوڊڪ جي گوادر بندرگاهه تائين ريل روڊ نيٽ ورڪ جي فزيبلٽي جي حوالي سان حڪمت عملي جوڙي وڃي، ريلوي لائين منصوبي سان بندرگاهه تائين رسائي آسان ۽ گهٽ ۾ قيمت ۾ ٿيندي

ريڪوڊڪ منصوبي سان هر مهيني 6 هزار ڪنٽينرز بندرگاهه تائين ويندا، ريڪوڊڪ کان قومي شاهراهه 40 تائين لنڪ روڊ جي تعمير مائننگ ڪمپني پاڻ ڪندي: بريفنگ

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف ريڪوڊڪ منصوبي تي ڪم ڪندڙن جي سيڪيورٽي يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪري ڇڏي. اسلام آباد ۾ وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ ريڪوڊڪ منصوبي تي اجلاس ٿيو. بيرڪ گولڊ ڪمپني جي وفد چيف ايگزيڪيوٽو مارڪ برسٽو جي سربراهي ۾ شرڪت ڪئي. اجلاس دوران وزيراعظم ريڪوڊڪ منصوبي تي ڪم ڪندڙن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري ڪيپٽن عبدالولي شهيد جي والد کي ستاره بصالت (ملٽري) ڏئي رهيو آهي

رنگن جو تهوار هولي برائي تي نيڪي جي فتح جي علامت آهي: بلاول ڀٽو زرداري

هولي جهڙو تهوار هڪ برادري نه پر وسيع معنيٰ ۾ معاشرن لاءِ اهميت وارو آهي، اهڙي قسم جا تهوار ماڻهن جي وچ ۾ اتحاد پائيپي ۾ هٿ ڏين ٿا

پيپلزپارٽي مساوات، انصاف ۽ اجتماعيت تي يقين رکي ٿي، اسان قائد اعظم شهيد ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي فڪر مان رهنمائي حاصل ڪريون ٿا

اسان جي اڳواڻن جو هر شهري جي حقن جي بنا فرق حمايت ڪرڻ جو عزم اسان لاءِ مشعل راهه آهي: هولي تي جاري ڪيل پيغام

ڪراچي (رپورٽر) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاڪستان سڄي دنيا جي هندو برادري کي هولي جي مبارڪ ڏني آهي. اڳوڻي پرڏيهي وزير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03


لاهور: وفاقي وزير رانا تنوير يوٽيلٽي اسٽور جي دوري دوران ڳالهائي رهيو آهي

وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جو جائزو ورتو: سعودي دفاع وارو وزير

اسلام آباد (م ڊ) سعودي دفاع واري وزير شهزاده خالد بن سلمان بن عبدالعزيز السعود چيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

پاڪستان پيپلز پارٽي سدائين اقليتن جي حقن جو تحفظ ڪيو آهي: وڏو وزير

سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ اقليتن کي سندن رسمون ادا ڪرڻ جي ڀرپور آزادي حاصل آهي

حڪومت اقليتي برادريءَ کي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ هر قسم جون سهولتون ڏئي رهي آهي

اقليتن جو ڏڻن ملهائڻ ان ڳالهه کي ثابت ڪري ٿو ته هندو برادري هن ڌرتيءَ تي امن ۽ خوشحاليءَ سان رهي پئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه هندو برادريءَ کي هوليءَ جون واڌايون ڏيندي چيو آهي ته بهار جي مند اچڻ تي هوليءَ جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري پاران هندو برادري کي رنگن جي عيد هولي جي مبارڪباد

ڪراچي (م ڊ) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري هندو برادري کي رنگن جي عيد هولي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

سيالڪوٽ: خواجه آصف پنهنجي علائقي ۾ عوام سان کليل ڪچهري ڪندي

سعودي دفاع واري وزير جي صدر ۽ وزيراعظم سان ملاقات، سلامتي جي صورتحال تي ڳالهيون

ملاقاتن ۾ علائقائي امن وسلامتي ۽ خطي جي سيڪيورٽي صورتحال تي ڳالهيون ڪيون ويون

ٻنهي ملڪن وچ ۾ دفاع ۽ سيڪيورٽي جي شعبي ۾ تعاون وڌائڻ جي حوالي سان به ڳالهيون ڪيون ويون

منهنجي گذريل دوري ۾ سعودي عرب پاڪستان جي معاشي صورتحال ۾ بهتري لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي: وزيراعظم

اسلام آباد (م ڊ) سعودي جي دفاع واري شهزادي خالد بن سلمان بن عبدالعزيز آل سعود اسلام آباد ۾ صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪئي آهي. ملاقات ۾ صدر آصف زرداري شهزادي خالد بن سلمان جي دفاعي لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ ۾ ڪردار جي تعريف ڪئي. شهزادي خالد بن سلمان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسٽيٽ بئنڪ پاران عيدالفطر تي نوان ڪرنسي نوٽ جاري نه ڪرڻ جو فيصلو

شهرين نوان نوٽ حاصل ڪرڻ لاءِ پرائيويٽ بئنڪن جا چڪر لڳائڻ شروع ڪري ڇڏيا

ڪراچي (رپورٽر) اسٽيٽ بئنڪ هلندڙ سال به عيدالفطر تي نوان ڪرنسي نوٽ جاري نه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اسٽيٽ بئنڪ طرفان گذريل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

وزيراعظم اقتصادي رابطا ڪميٽي ٻيهر جوڙي ڇڏي، چيئرمين تبديل

اي سي سي جو چيئرمين ناڻي وارو وزير محمد اورنگزيب هوندو

اقتصادي معاملن، واپار، توانائي، پيٽروليم ۽ منصوبابندي وارا وزير شامل هوندا

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف اقتصادي رابطا ڪميٽي ٻيهر جوڙي ڇڏي. اي سي سي جو چيئرمين ناڻي وارو وزير محمد اورنگزيب هوندو ۽ ڪميٽي ميمبرن ۾ اقتصادي معاملن وارو وزير، واپار وارو وزير، توانائي وارو وزير، پيٽروليم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

عالمي بئنڪ پاڪستان لاءِ 14 ڪروڙ 97 لک ڊالرز فنانسنگ جي منظوري ڏئي ڇڏي

آءِ ايم ايف سان اسٽاف ليول معاهدي کان پوءِ ٻين عالمي مالياتي ادارن طرفان به فنڊنگ جي راهه هموار ٿيڻ لڳي

عالمي بئنڪ پاڪستان کي ڊجيٽل اڪانومي انهانسمينٽ پروجيڪٽ لاءِ 7 ڪروڙ 80 لک ڊالر فراهم ڪندو

2022ع ۾ پاڪستان ۾ آيل ٻوڏ انفرا اسٽرڪچر متاثر ڪيو، بڻيادي ڍانچي جي حفاظت ۽ مضبوطي لاءِ اڳترقدم ضروري آهن: ڪنٽري ڊائريڪٽر

ڪراچي (م ڊ) عالمي بئنڪ پاڪستان لاءِ 14 ڪروڙ 97 لک ڊالرز فنانسنگ جي منظوري ڏئي ڇڏي. آءِ ايم ايف سان اسٽاف ليول معاهدي کان پوءِ ٻين عالمي مالياتي ادارن طرفان به فنڊنگ جي راهه هموار ٿيڻ لڳي. عالمي بئنڪ طرفان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

طورخم سرحد تي ايف سي ۽ ايف آءِ اي اهلڪار پاڻ ۾ وڙهي پيا

ٻنهي ڌرين ۾ ويڙهه رش گهٽائڻ جي معاملي تي ٿي، اختيارين نوٽيس ورتو

طورخم بارڊر عارضي بندش ڪانپوءِ 4 ڪلاڪن بعد پنڌ اچ وڃ لاءِ کوليو ويو

پشاور (م ڊ) طورخم سرحد تي ايف سي ۽ ايف آءِ اي اهلڪار ڏند چڪ ڪانپوءِ وڙهي پيا. ايف سي ۽ ايف آءِ اي اهلڪارن جي پاڻ ۾ ويڙهه ۾ ڪجهه اهلڪار زخمي به ٿي پيا. سرڪاري ذريعن جو چوڻ آهي ته ٻنهي ڌرين ۾ ويڙهه رش گهٽائڻ جي معاملي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

پاڪستاني سيڪيورٽي فورسز تي حملن لاءِ افغانستان ۾ رٿابندي جي وڊيو ليڪ

ليڪ وڊيو افغانستان جي علائقي ڊانگرالگد جي آهي، وڊيو ۾ يحيٰ حافظ گل بهادر نظر اچي رهيو آهي

وڊيو ۾ طالبان ڪمانڊر چئي ٿو ته پاڪستان سان پلاند لاءِ تيار آهيون، 6 راڪيٽ هلائيندڙ ۽ 6 مددگار هوندا

وڊيو ۾ دهشتگرد پاڪستان خلاف ويڙهه تي راضپو ظاهر ڪندي به نظر اچي رهيا آهن

اسلام آباد (م ڊ) پاڪ افغان سرحد تي پاڪستاني سيڪيورٽي فورسز تي حملن لاءِ تحريڪ طالبان افغانستان جي منصوبابندي جي وڊيو ليڪ ٿي وئي. سيڪيورٽي ذريعن موجب ليڪ وڊيو افغانستان جي علائقي ڊانگرالگد جي آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڊي سي اسلام آباد پي ٽي آءِ کي جلسي جي اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

هاءِ ڪورٽ ڊي سي اسلام آباد کي 2 ڏينهن ۾ فيصلو ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو

ته پي ٽي آءِ پهريان به اين او سي جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي: ڊي سي پاران درخواست رد

اسلام آباد (م ڊ) ڊپٽي ڪمشنر اسلام آباد پي ٽي آءِ کي وفاقي راڄڌاني اسلام آباد ۾ 30 مارچ تي جلسي جي اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

مانجهند ويجهو انڊس هاءِ وي تي مبينا پوليس مقابلي ۾ 3 ڌاڙيل مارجي ويا

سوزوڪي سوار ڌاڙيل ڳوٺ فقير داد ڪوسو وٽ انڊس هاءِ وي تي ڌوهه جي ارادي سان بيٺل هئا: پوليس

ڌاڙيلن پوليس کي ڏسندي فائرنگ ڪري ڏني، فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ 3 ڌاڙيل مارجي ويا

مانجهند ويجهو انڊس هاءِ وي تي مبينا پوليس مقابلي ۾ 3 ڌاڙيل مارجي ويا. پوليس جو چوڻ آهي ته سوزوڪي سوار ڌاڙيل ڳوٺ فقير داد ڪوسو وٽ انڊس هاءِ وي تي ڌوهه جي ارادي سان بيٺل هئا. ڌاڙيلن پوليس کي ڏسندي فائرنگ ڪري ڏني. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

سگريٽ ۽ نسوار سعودي عرب اسمگل ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام

ڪسٽم کاتي جي جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي ڪارروائي، وڏي کيپ هٿ

24 ڪلاڪن اندر سعودي عرب ويندڙ مسافرن کان 38 هزار کان وڌيڪ سگريٽ هٿ ڪيا ويا

ڪراچي (اين اين آءِ) ڪسٽم کاتي جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي ڪارروائي ڪري سگريٽ ۽ نسوار اسمگلنگ جي ڪوشش ناڪام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

شهيد ليفٽيننٽ ڪرنل سيد ڪاشف علي جي قرباني سونهري اکرن ۾ لکي ويندي: ميجر جنرل اظهر وقار

ڊي جي رينجرز سنڌ شهيد ليفٽيننٽ ڪرنل سيد ڪاشف علي شاهه جي رهائشگاهه تي پهتو، گهرڀاتين سان تعزيت ڪئي

پاڪ فوج جا آفيسر ۽ جوان دهشتگردي ۽ ڌاڙيلن کي منهن ڏيڻ جي ڀرپور صلاحيت رکن ٿا: ڊي جي رينجرز سنڌ

دهشتگردن جا بزدلانا حملا اسان جا حوصلا ڪمزور نٿا ڪري سگهن پاڪ فوج ۽ ٻيا قانون لاڳو ڪندڙ ادارا امن لاءِ ڪنهن به قرباني کان ڪين ڪيٻائيندا

ڪراچي (اين اين آءِ) ڊي جي رينجرز سنڌ ميجر جنرل اظهر وقاص جي مير علي نارٿ وزيرستان آپريشن ۾ شهيد ٿيل ليفٽيننٽ ڪرنل سيد ڪاشف علي شاهه جي رهائشگاهه تي شهيد جي گهرڀاتين سان تعزيت ۽ فاتحه پڙهي ۽ شهيد کي خراج تحسين پيش ڪيو. ڊي جي رينجرز سنڌ ميجر جنرل اظهر وقاص چيو ته وطن لاءِ شهيد ليفٽيننٽ ڪاشف علي جي قرباني سونهري اکرن ۾ لکي ويندي، پاڪ فوج ۽ ٻيا قانون لاڳو ڪندڙ ادارا امن لاءِ ڪنهن به قرباني کان ڪين ڪيٻائيندا. پاڪ فوج جا آفيسر ۽ جوان دهشتگردي ۽ ڌاڙيلن کي منهن ڏيڻ جي ڀرپور صلاحيت رکن ٿا. دهشتگردن جا بزدلانا حملا اسان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

لاهور: جماعت اسلامي جو امير سراج الحق ميڊيا سان ڳالهائيندي

پريا ڪماري کي بازياب ڪرايو، سنڌ سراپا احتجاج، مختلف شهرن ۾ مظاهرا، ڌرڻا

لاڙڪاڻو، عمرڪوٽ، قمبر، شهدادڪوٽ، ڪشمور، وارهه، پيرو نمل، ميرپور ماٿيلو، ڏوڙو نارو، ڏڙو ۽ ٽنڊو ۾ احتجاج ڪيو ويو

سکر ۾ قومي شاهراهه ۽ سن ۾ انڊس هاءِ وي تي ڌرڻا، پريا ڪماري کي بازياب ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو ويو

سنڌ ۾ ڌاڙيلن کي ڇوٽ ڇڏيو ويو آهي، سنڌ جي زمينن تي قبضا ڪيا ويا آهن، جيڪو عمل مذمت جوڳو آهي: اڳواڻ

ڪراچي (نمائندن وڏان) پريا ڪماري کي بازياب ڪرايو، سنڌ سراپا احتجاج، مختلف شهرن ۾ مظاهرا ڪري ڌرڻا هنيا ويا. لاڙڪاڻو، عمرڪوٽ، قمبر، شهدادڪوٽ، ڪشمور، وارهه، پيرونمل، ميرپور ماٿيلو، ڏوڙو نارو، ڏڙو ۽ ٽنڊو ۾ احتجاج ڪيو ويو سکرنڊ ۾ قومي شاهراهه ۽ سن ۾ انڊس هاءِ وي تي ڌرڻا. پريا ڪماري کي بازياب ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو ويو. اڳواڻن چيو ته پريا ڪماري جي امڙ پنهنجي نياڻي لاءِ روئي روئي حال هيڻا ڪري ڇڏيا آهن. سنڌ ۾ بدامني وڌي وئي آهي. اڳواڻن چيو ته سنڌ ۾ ڌاڙيلن کي ڇوٽ ڇڏيو ويو آهي. سنڌ جي زمينن تي قبضا ڪيا ويا آهن. جيڪو عمل مذمت جوڳو آهي. پريا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

سرگوڌا: مسيحي برادري جا ماڻهو عبادت لاءِ چرچ ايندي

شڪارپور مان ٻن ڏينهن کان گم معصوم ٻارڙي جي اغوا جي تصديق

ڌاڙيلن فون ڪري 8 ورهين جي مهربان پٽي جي آزادي لاءِ 50 لک رپيا ڀڃ گهريو: وارث

مغوي معصوم ٻارڙي جا وارث لکيدر ٽاڪي تي پهچي ويا، بازيابي جو مطالبو ڪيو ويو

شڪارپور (رپورٽر) شڪارپور مان ٻن ڏينهن کان گم معصوم ٻارڙي جي اغوا جي تصديق. شڪارپور جي برڙا ڪالوني مان ٻن ڏينهن کان گم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ملير: سيڪيورٽي گارڊ جون 2 گهرواريون مبينا طور اغوا، ڪيس داخل

رحمت الله ڪڪرائي جي مدعيت ۾ ٻن ڄڻن خلاف بن قاسم ٿاڻي تي ايف آءِ آر داخل

اسماعيل ڀٽو ۽ صديق مري منهنجي زالن کي اغوا ڪيو آهي: رحمت الله

ملير (رپورٽر) ملير مان سيڪيورٽي گارڊ جون 2 گهرواريون مبينا طور اغوا ٿي ويون. ڪيس داخل ڪيو ويو. علي محمد ڳوٺ جي رهواسي رحمت الله /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

پنجاب جي ايم پي اي عظميٰ ڪاردار جا زيور چوري ڪرڻ جو ڪيس داخل، 4 عورتون گرفتار

اسيمبلي سيشن کان پوءِ سوئمنگ لاءِ ماڊل ٽائون ڪلب ويس، واردات سوئمنگ ڪرڻ دوران ٿي: عظميٰ ڪاردار

زيور منهنجي پرس ۾ هئا ۽ پرس ڪلب جي لاڪر ۾ رکيو هو، ڪلب عملي جي 4 عورتن کي گرفتار ڪيو ويو

عظميٰ ڪاردار جي چوڻ تي پوليس اسان کي بدترين تشدد جو نشانو بنايو آهي اسان جون ٻانهون موڙيون ويون: عورتون

لاهور (م ڊ) لاهور جي ماڊل ٽائون ڪلب مان پنجاب جي صوبائي اسيمبلي جي ميمبر عظميٰ ڪاردار جا زيور چوري ڪرڻ جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. لاهور جي ماڊل ٽائون ٿاڻي ۾ داخل ڪيس جي ايف آءِ آر موجب اسيمبلي سيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

هر دوڪاندار ساليانو 1200 سئو روپيا انڪم ٽيڪس ڏيندو: ايف بي آر

رٽيلرز ۽ هول سيلرز جي رجسٽريشن اسڪيم شروعاتي طور تي ڪراچي، لاهور اسلام آباد، راولپنڊي، ڪوئيٽا ۽ پشاور ۾ لاڳو ٿيندي

سڄي ملڪ ۾ ڊيلرز، ريٽلرز، ميني فيڪلچر ۽ ايمپورٽرز گهٽ رٽيلرز لاءِ رجسٽريشن ڪرائڻ لازمي قرار ڏني وئي آهي

اسٽورز، دوڪانن، ويئر هائوس، ڪاروباري آفيسون رجسٽريشن ڪرائڻ جا پابند هوندا، اسڪيم پهرين اپريل کان لاڳو ٿيندي

ڪراچي (رپورٽر) فيلڊر بورڊ آف روينيو پهرين اپريل کان تاجرن جي رجسٽريشن شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو، تاجرنجي لازمي رجسٽريشن بابت مسوده اسڪيم نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو. ايف بي آر مطابق رٽيلرز ۽ هول سيلرز جي رجسٽريشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سوئي ناردرن سال ۾ ٽيون ڀيرو گئس اگهن ۾ واڌ جي درخواست ڪري ڇڏي

سوئي ناردرن گئس جي قيمت 4489 رپيا في ايم ايم بي ٽي يو ڪرڻ جي تجويز ڏني آهي: اوگرا

گئس جا اگهه وڌڻ سان بلن ۾ سراسري طور 155 سيڪڙو تائين واڌ جو امڪان آهي

اسلام آباد (م ڊ) سوئي ناردرن گئس ڪمپني (ايس اين جي ايس) سال ۾ ٽيون ڀيرو گئس اگهن ۾ واڌ جي گهر ڪري ورتي. آئل اينڊ گئس ريگيوليٽري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

موسميات کاتي اسلام آباد سميت ملڪ جي مختلف شهرن ۾ برسات جا امڪان ظاهر ڪري ڇڏيا

خيبرپختونخواهه، ڏکڻ پنجاب، اتر بلوچستان خطو پوٺوهار، گلگت بلتستان، ڪشمير ۽ لاڳاپيل جابلو علائقن ۾ برسات جو امڪان آهي: موسميات کاتو

نوابشاهه ۾ گرمي پد 39، چور، مٺي، سڪرنڊ 39، لسٻيلو ۽ حيدرآباد ۾ 38 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو

اسلام آباد (م ڊ) سڄي ملڪ ۾ موسم خشڪ ۽ جهڙالو رهندو پر ڪجهه شهرن ۾ ڪڪرن سان گڏ هلڪي برسات جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. موسميات کاتي موجب ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران خيبرپختونخواهه، ڏکڻ پنجاب، اتر بلوچستان خطو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

زرداري، مريم ۽ نواز تي پختونخواهه ۾ داخل ايف آءِ آر جو تفصيل سامهون اچي ويو

تنهن تي 2022ع ۾ ڪيس داخل ٿيو هو ۽ ايف آءِ آر ڊي آءِ خان جي ڪينٽ ٿاڻي ۾ داخل آهي: ذريعا

2022ع ۾ داخل ايف آءِ آر کي سيل ڪيو ويو آهي، ايف آءِ آر پي ٽي آءِ جي گذريل دور ۾ داخل ڪئي وئي هئي

اسلام آباد (اين اين آءِ) صدر آصف علي زرداري پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز ۽ اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف تي خيبرپختونخواهه ۾ داخل ايف آءِ آر جو تفصيل سامهون اچي ويو. وڏي وزير علي امين گنڊاپور مريم نواز، نواز شريف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

لاهور: گورنر پنجاب بليغ الرحمان صحافي سليم بخاري کي ستاره امتياز ڏئي رهيو آهي

آزادي هڪ نعمت آهي، ان جي قيمت بي وطن ماڻهن کان پڇو: ڊائريڪٽر جنرل پبلڪ رليشنز

جن قومن کي پنهنجو آزاد وطن ناهي هوندو اهي ظلم ۽ جبر جي چڪي ۾ پيسجي رهيا آهن

اسان کي ان ڳالهه هر دم شڪرانا ڪرڻ گهرجي ته اسان جا ابن ڏاڏن برصغير جي مسلمانن لاءِ آزاد وطن جو خواب ڏٺو ۽ ان کي عملي جامو پهرايو

قرارداد پاڪستان جي منظوري ڪانپوءِ صرف 7 سالن جي مختصر عرصي پاڪستان جو قيام عمل ۾ آيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت جي اطلاعات کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل پبلڪ رليشنز محمد سليم خان چيو آهي ته آزادي هڪ اهڙي نعمت آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

مسجد الحرام انتظاميا اعتڪاف ڪندڙن جو انگ ٻيڻو ڪري ڇڏيو

ڪراچي (م ڊ) رمضان المبارڪ کي ڏسندي هر سال جيان هن سال به مسجد الحرام انتظاميا خاص /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڪراچي: ڊائريڪٽر جنرل پبلڪ رليشنز سليم خان تقريب کي خطاب ڪندي

بجلي جون قيمتون ۽ مهانگائي گهٽائڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن: رياض حسين پيرزاده

وفاقي وزير جو وهاڙي ضلعي ۾ يوٽلٽي اسٽوز جو دورو، سستي اگهه تي فراهم ٿيندڙ کاڌي پيتي جي شين جو معيار چيڪ ڪيو

وزيراعظم پاران ڏنل سبسڊي تحت وهاڙي جي عوام کي مڪمل رليف فراهم ڪيو وڃي: انتظاميا کي هدايت

وزيراعظم جي ويزن مطابق رمضان پروگرام ڪامياب بڻائينداسين، اسان جو ڪم عوام جي خدمت ڪرڻ آهي

اسلام آباد (م ڊ) هائوسنگ اينڊ ورڪس واري وفاقي وزير رياض حسين پيرزاده چيو آهي ته بجلي جون قيمتون ۽ مهانگائي گهٽائڻ لاءِ ڪوششون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڀارتي رياست اتر پرديش ۾ هولي جي تهوار تي مسلمان خاندان کي زبردستي رنگ هنيو ويو

نئين دهلي (م ڊ) ڀارتي رياست اتر پرديش ۾ هولي جي تهوار تي مسلمان خاندان کي زبردستي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڪراچي: گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري روسي قونصل جنرل سان ماسڪو واقعي تي تعزيت ڪندي

اڊيالا جيل جي 411 قيدين جي سزا ۾ 3 مهينا گهٽتائي

6 قيدين کي سزا ۾ گهٽتائي ڪانپوءِ جيل مان آزاد ڪيو ويو: انتظاميا

وزير اعليٰ پنجاب جي هدايت تي 52 قيدين جون سزائون گهٽايون ويون

راولپنڊي (م ڊ) اڊيالا جيل 411 قيدين جي سزا ۾ 3 مهينن جي گهٽتائي ڪئي وئي. جيل انتظاميا موجب صدر 23 مارچ جي موقعي تي قيدين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪراچي: صفائي لاءِ مين هول ۾ لٿل 2 ڄڻا پنهنجون حياتيون وڃائي ويٺا

گهگر ڦاٽڪ ويجهو 2 ڄڻا گٽر جي مين هول ۾ ٻڏي فوت ٿي ويا

علائقي واسين پنهنجي مدد پاڻ تحت لاش ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي

ڪراچي (اين اين آءِ) گٽر لائن کي صاف ڪرڻ لاءِ مين هول ۾ لهندڙ 2 ڄڻا پنهنجيون حياتيون وڃائي ويٺا. خبر موجب گهگر ڦاٽڪ ويجهو 2 ڄڻا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

گهوٽڪي ۾ جيئي سنڌ محاذ جي سڏ تي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج، نعريبازي

سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني اغوا ڪاري لاقانونيت قبيلائي تڪرارن جي خاتمي ۽ معصوم پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ ريلي ڪڍي وئي

احتجاج ۾ جيئي سنڌ محاذ ۽ جيئي سنڌ قومي محاذ جي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، پريا ڪماري بازياب ڪرايو جا نعرا هنيا ويا

قومي ڪارڪنن سائين جي ايم سيد چوڪ عوامي هوٽل ڍهرڪي کان ريلي ڪڍي شهر جي مختلف هنڌن تان گشت ڪري نيشنل هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويو

گهوٽڪي (رپورٽر لالچند موٽواڻي) جيئي سنڌ محاذ مرڪزي سڏ تي سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني اغوا ڪاري لاقانونيت قبيلائي تڪرارن جي خاتمي ۽ معصوم پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ ريلي ڪڍي نيشنل هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويو. احتجاج ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

گهوٽڪي: پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ جسم پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ملير جي ذڪريا ڳوٺ ميٽرو بس اسٽاپ ويجهو جهنگ مان تشدد ٿيل لاش هٿ

پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش جناح اسپتال منتقل ڪرائي ڇڏيو، علائقي واسين پوليس کي اطلاع ڏنو هو

فوتي نوجوان آفتاب پٽ غلام نبي عمر 35 سال هئي، ڪيس اغوا بعد سخت تشدد ڪري قتل ڪرڻ جا چوبول

ملير (د ــ ر) ملير جي ذڪريا ڳوٺ ميٽرو بس اسٽاپ ويجهو جهنگ مان تشدد ٿيل لاش هٿ، پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش جناح اسپتال منتقل ڪيو تفصيل موجب ملير جي ذڪريا ڳوٺ لڳ ميٽرو بس اسٽاپ ويجهو جهنگ مان تشدد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ملير ۾ آل ساٿلاٽي جوکيا ويلفيئر ايسوسيئيشن جي نوجوانن طرفان غريب ماڻهن کي افطار ڪرائڻ جو سلسلو شروع

ملير (د ــ ر) ملير ضلعي ۾ نوجوانن طرفان پنهنجي مدد پاڻ تحت رمضان جي سڄي مهيني ۾ غريب ماڻهن کي افطار ڪرائڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ آل ساٿلاٽي جوکيا ويلفيئر ايسوسيئيشن جي تعالي سان نوجوان سماجي اڳواڻ ساجد غلام جوکيو پنهنجي ساٿين سان گڏ ڪوششون وڏي چوڪندي قبرستان ميمڻ ڳوٺ لڳ هاشم جوکيو ڳوٺ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

مانجهند لڳ خاڻوٽ ۾ پوليس ۽ جوابدارن ۾ مقابلو، پوليس جو 3 ڌوهاري مارڻ جي دعويٰ

وارثن پاران جڙتو مقابلو قرار حيدرآباد سرد خاني ۾ پيچ ڊاهه ايمبولنس ۽ پوليس موبائيل جا شيشا ٽوڙي ڇڏيا

ڳجهي اطلاع تي جامشورو کان سيوهڻ طرف ويندڙ سوزوڪي کي روڪڻ جو اشارو ڏنو ته سوزوڪي سوار جوابدارن پوليس مٿان فائرنگ ڪئي: ايس ايس پي جامشورو

پوليس به جوابي فائرنگ ڪندي سوزوڪي جو پيڇو ڪيو فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ گولين لڳڻ سبب سوزوڪي ڌوهاري ڊرائيور جي ڪنٽرول مان نڪري وڏي ڪاهي ۾ ڪري ڪلٽي ٿي پئي

مانجهند (رپورٽر: مهراڻ عمراڻي) خاڻوٽ پرسان انڊس هاءِ وي تي پوليس ۽ جوابدارن ۾ شڪي مقابلو پوليس پاران 3 مبينا ڌوهاري مارڻ جي دعويٰ وارثن پاران جڙتو مقابلو قرار حيدرآباد سرد خاني ۾ پيچ ڊاهه ايمبولنس ۽ پوليس موبائيل جا شيشا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

واڳ ڏڻي ننا چاهين ته سنڌ اندر امن امان جي صورتحال بهتر هجي هٿ سان وٺي ڪري حالتون خراب ڪيون ويون آهن: جام فتاح سميجو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي پريا ڪماري جي اغوا کي 3 سال گذري ويا آهن مگر نااهل پوليس هن وقت تائين معصوم ٽينگري پريا ڪماري کي بازياب ناهي ڪرائي هر روز ماڻهو قتل ۽ اغوا ٿين پيا ۽ پوليس اڃان تائين سردارن وڏيرن جي ڪمداري ڪرڻ ۾ پوري آهي هٿ واڳ ڏڻي ننا چاهين ته سنڌ اندر امن و امان جي صورتحال بهتر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

مانجهند: پوليس جي مبينا مقابلي ۾ مارجي ويل جو لاش ايمبولينس ۾ پيل آهي

بدين جي شهرين ۽ واپارين بدين پوليس تي عدم اعتماد ظاهر ڪري ڇڏيو

شهرين کان لکين رپين جي ڦرن ۽ چورين جي وارداتن شهر جو امن خراب ڪري ڇڏيو، پوليس خاموش تماشائي بڻيل

جوابدارن کي گرفتار نه ڪرڻ ۽ متاثر شهرين واپارين سان پوليس جي اڻڳي رويي خلاف شهرين ۽ واپارين طرفان احتجاج جو اعلان مرحليوار جدوجهد هلائڻ جو فيصلو

ماضيءَ ۾ بدين ضلعو ملڪ ۾ ٿرپارڪر بعد ٻيو نمبر پر امن ضلع سمجهو ويندو هو: خليفا طارق ميمڻ/ شجاعت خواجه اقبال/ شجاعت خواجه

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين جي شهرين ۽ واپارين بدين پوليس تي عدم اعتماد ظاهر ڪري ڇڏيو شهرين کان لکين رپين جي ڦرن ۽ چورين جي وارداتن شهر جو امن خراب ڪري ڇڏيو آهي پر پوليس کي جوابدارن جي نشاندهي ۽ سهولت ڪار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڏڙو، ميرپوربٺورو، پيلو، ٻنون، ابڙال روڊن کي ٽريڪٽر گولن ڪيڙي تباهه ڪري ڇڏيو، احتجاج

ڪروڙين رپين جي لاڳت سان ٺهيل مختلف روڊن جي ڪيڙي خلاف علائقي واسين طرفان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

علائقي واسين يونس ڳگو، طفيل مگسي، غلام نبي ڳگو، گلزار ملاح، حسن شيخ ۽ ٻين قومي شاهراهه تي اچي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو

وڏي عوامي جدوجهد ڪرڻ کان پوءِ سنڌ سرڪار ڪروڙين رپين جي لاڳت سان ڏڙو، ميرپوربٺورو، ٻنون، ابڙال، قادرڏنو شاهه حيدرآباد روڊ تعمير ڪرايا آهن: مظاهرين

ڏڙو (رپورٽر: شوڪت ميمڻ) ڏڙو، ميرپوربٺورو، پيلو، ٻنون، ابڙال ۽ ٻين اهم روڊن کي ٽريڪٽر گولن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڏڙو: گولن هلائڻ روڊ تباهه ڪندڙن خلاف ڳوٺاڻا احتجاج ڪري رهيا آهن

سڄاول ۾ ڪلچرل فورم جي سڏ تي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

سڄاول (رپورٽ ممتاز علي نهڙيو) ڪشمور ۾ هٿيار بندن هٿان شهيد ڪيل فرض شناس استاد شهيد الهڙکيو ندواڻي ۽ ٻين استادن جي قتل خلاف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

شهيد بينظير ڀٽو پارڪ تان قبضو ختم ڪرائڻ گڏجاڻيون

اڳواڻ حاڪم علي جسڪاڻي سان سماجي اڳواڻ اقبال حسين چنه جي اڳواڻي ۾ وفد جي ملاقات

پروجيڪٽن تي ڪنهن کي به ناجائز قبضو ڪرڻ نه ڏينداس پلي هو ڪهڙي به پارٽي سان تعلق ڇو نه رکندو هجي

پاڪستان پ پ جي اعليٰ قيادت سان ملاقات ڪري قبضو ختم ڪرايو ويندو: حاڪم علي جسڪاڻي

ڪراچي (رپورٽر) شاهنواز شر ڳوٺ گرلز ڪاليج ووڪيشنل سينٽر ۽ شهيد بينظير ڀٽو پارڪ تان قبضو ختم ڪرائڻ لاءِ سماجي شخصيتن تي ٻڌل ڪاميٽي سياسي سماجي ڌرين سان ملاقاتون تيز ڪري ڇڏيون اين اي 235 تي چونڊ وڙهندڙ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سنڌ ۾ ڏاڙيل راڄ نامنظور: ملير ۾ احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

استاد الله رکيو ندواڻي جي قتل خلاف سنڌ ڪلچرل فورم ۽ سنڌ سيپتا سگهڙ فورم جي سڏ تي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

سنڌ ترقي پسند پارٽي جي راڻو خان زهراڻي، رجب زهراڻي، اعجاز سولنگي، استادن قربان سولنگي، نور مصطفيٰ زهراڻي، الله ڏنو شيخ ريلي جي اڳواڻي ڪئي

سنڌ ترقي پسند پارٽي جي راڻو خان زهراڻي، رجب زهراڻي، اعجاز سولنگي، استادن قربان سولنگي، نور مصطفيٰ زهراڻي، الله ڏنو شيخ: صادق لاکو

ملير (رپورٽ فاروق پنهور) سنڌ ۾ ڏاڙيل راڄ، اغوا، لاقانونيت ۽ فرض شناس استاد الله رکيو ندواڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

گجي شهر لڳ جام برانچ ۾ مڇي جو شڪار ڪندي نوجوان رحيم بخش ميربحر ٻڏي فوت ٿي ويو

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) گجي شهر لڳ جام برانچ ۾ مڇي جو شڪار ڪندي نوجوان رحيم بخش ميربحر ٻڏي فوت ٿي ويو جنهن جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ملير: اغوا ٿي ويل پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

جتي به ظلم ٿيندو جي ڊبليو سي جا ڪارڪن مظلوم سان گڏ بيهندا: راڻا شير محمد

عيد کانپوءِ ضلعي جي سمورن تعلقن ۽ ضلعي عهديدارن کي قسم کڻائڻ جي تقريب ڪرائي ويندي

گڏجاڻي جي آخر ۾ اتفاق راءِ سان جي ڊبليو سي تعلقي پريا جي باڊي چونڊي وئي

ناروشاهه (رپورٽر راشد علي ميمڻ) نديم علي منگي JWC جو تعلقي پريا جو صدر ۽ راشد مجيد چوهاڻ جنرل سيڪريٽري چونڊيا ويا جتي به ظلم ٿيندو جي ڊبليو سي جا ڪارڪن مظلوم سان گڏ بيهندا. راڻا شير محمد صحافين ليکڪن ۽ سول سوسائٽي جي تنظيم جرنلسٽس ،رائٽرس، سول سوسائيٽي فار ٽرٿ پيس اينڊ جسٽس (جي ڊبليو سي) تعلقي پريا جي گڏجاڻي پرياسٽي پريس ڪلب ۾ ضلعي آرگنائيزر راڻا شير محمد جي صدارت هيٺ ٿي گذري. ان موقعي تي راڻا شير محمد خطاب ڪندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٿرڪول بلاڪ ون جا متاثر مسلسل سراپا احتجاج بڻيل

ڪمپنين پاران ٻن هنڌن تي الڳ الڳ زهريلو پاڻي ڇوڙ ڪري ڇڏيو، سوين ايڪڙ زمين پاڻي هيٺ ڳوٺ ٻڏڻ جو خطرو

مختلف ڳوٺن جي رهواسين پاران ڊمپنگ پرسان راڄوٽي ڪٽ، ڪمپنين جي زيادتين خلاف سخت نعريبازي

سائينو سنڌ ۽ شهنگائي ڪمپني پاران ڪوئلي جي کوٽائي دوران نڪرندڙ زهريلي پاڻي کي الڳ الڳ ٻن هنڌن تي ڇوڙ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

اسلام ڪوٽ (رپورٽ صادق بجير) ٿرڪول بلاڪ ون جا متاثر مسلسل سراپا احتجاج بڻيل، ڪمپنين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

گهارو شهر پرسان رهندڙ ملاح برادري جي ماڻهن جو بااثر ماڻهن جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو

گهارو (رپورٽر) گهارو شهر پرسان رهندڙ ملاح برادري جي ماڻهن جو بااثر ماڻهن جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو، سندن ڳوٺن تي ڏينهن ڏٺي فائرنگ ٽوڙي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

اسلام ڪوٽ: ٿرڪول بلاڪ ون جا متاثر احتجاج ڪري رهيا آهن

مڪلي ۾ مهانگائي بي قابو، عوام کي سخت ڏکيائي

واپارين پاران کاڌي پيتي جي نقلي شين جي وڪري جو سلسلو جاري

شهرين جي صحت داءُ تي لڳل، نقلي هجڻ سميت بدبودار ڪاڇو تيل وڪرو ٿيڻ لڳو

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي ۽ ضلعي ٺٽي جي هيڊ ڪوارٽر مڪلي شهر سميت ضلعي جي سمورن ننڍن وڏن شهرن ۾ مهانگائي جو جن بيقابو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ناروشاهه ۾ ٽيڪسي ڊرائيورن جو بااثرن خلاف احتجاج

پوليس ۽ بااثرن خلاف لياقت سولنگي زخمي منير سولنگي گلشن سولنگي احتجاج ڪيو

پوليس عملدارن جا ويجها عزيز هجڻ ڪري پوليس ڪيس وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرو ڪندڙ

ناروشاهه (رپورٽر) ناروشاهه ۾ ٽيڪسي ڊرائيورن پورهيتن جو پوليس ۽ بااثرن خلاف لياقت سولنگي زخمي منير سولنگي گلشن سولنگي ۽ ٻين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نوشهروفيروز ۾ به پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج

بازيابي شهيد استاد هدايت لوهار جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو ويو

فوري طور پريا ڪماري کي ڌاڙيلن جي چنبي مان آزاد ڪرائي امڙ جي حوالي ڪيو وڃي: اڳواڻ

نوشهروفيروز (رپورٽر: اسد علي عمراڻي) جيئي سنڌ محاذ مرڪزي جي سڏ تي سڄي سنڌ جشيان نوشهرو فيروز ۾ به نيشنل پريس ڪلب نوشهرو فيروز/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهروفيروز: جسم پاران پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

پريا ڪماري جو پتو نه پئجي سگهيو، وارهه ۾ به احتجاج، نعريبازي

وارهه ۾ سياسي سماجي اڳواڻن طرفان احتجاجي ريليون ڪڍيون ويون

سنڌ ۾ هٿ وٺي ڏاڙيل ڪلچر پيدا ڪيو پيو وڃي: عرفان منان چانڊيو/ نجيب چانڊيو

وارهه (رپورٽر: طالب حسين چانڊيو) وارهه سڪرمان سبيل ورهائيندي ٿي سال اڳ اغوا ٿي ويل معصوم نياڻي پريا ڪماري جو پتو نه پئجي سگهيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

راڻيپور: حضرت سچل سرمست جون غير سرڪاري تقريبون جاري

فڪري فورم سنڌ جي ميزباني ۾ سچل سرمست يادگار مشاعرو منعقد ڪيو ويو

مشاعري صدارت سنڌي ٻولي جي خوبصورت شاعر ڊاڪٽر ادل سومرو ڪئي

راڻيپور (رپورٽر) حضرت سچل سرمست جون غير سرڪاري تقريبون جاري ان موقعي تي حضرت سچل سرمست جي 203 هين عرس جي موقعي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سڪرنڊ ۾ جيئي سنڌ محاذ جي سڏ تي احتجاج، نعريبازي

پريا ڪماريءَ جي اغوا ۽ ڏاڙيل راڄ خلاف ڪيريا پيٽرول پمپ کان قومي شاهراهه بند ڪري ڌرڻو هنيو ويو

بدامنيءَ خلاف سخت نعريبازي ڪئي، ڌرڻي سبب ٻنهي پاسن کان سوين گاڏيون بيهي ويون

سڪرنڊ (رپورٽ: راڄ ڪماراوڏ) جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي سڏ تي استادن جي قتل، پريا ڪماري جي اغوا ۽ ڏاڙيل راڄ خلاف ڪيريا پيٽرول/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

دادو ۾ ڪيس تان هٿ ڪڍائڻ لاءِ بااثرن جو گهر تي ڪاهه

بااثرن طرفان گهر جي پيچ ڊاهه ڪري عورتن ۽ معصوم ٻارڙن کي تشدد جو نشانو بڻايو ويو

عورتن ٻارن جي دانهن رڙين تي محلي وارا پهچي ويا جوابدار فائرنگ ڪري فرار ٿي ويا

دادو (ن سنڌيار) دادو شهر جي اي سيڪشن ٿاڻي حد ۾ ڏينهن ڏٺي جو قائم نگر ڪالوني ۾ مبينا پراڻي دشمني تان ۽ ڪيسن تان هٿ ڪڍائڻ لاءِ مخالف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

پريا ڪماري بازياب ڪرايو: ٺٽو ۾ پ پ ش پ ڪارڪنن جو احتجاج

بابو احسان پتو، فيروز سومرو، رمضان بروهي، گلاب خان لنڊ، خالد ڪيهر جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

مظاهري ۾ شامل ڪارڪنن جي هٿن ۾ بينر، پلي ڪارڊ ۽ پارٽي جهنڊا ڪنيل هئا، سخت نعريبازي ڪئي وئي

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) سڪر جي نياڻي معصوم پريا ڪماري جي اغوا واقعي ۽ مڪلي جي قبرستان ۾ سومرا برادري جي معززز شخصيت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٺٽو: پ پ (ش پ) پاران پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڏڙو لڳ زهريلي ماکي جو حملو، پيرسن فوت ٿي ويو، 5 ڄڻا زخمي

ڏڙو جي سرڪاري اسپتال ۾ ڊاڪٽر دير سان پهچڻ سبب مريض تڙپندا رهيا

وارثن جو ڊيوٽي ڊاڪٽر ۽ ايمبولنس ڊرائيور خلاف سخت ڪارروائي جي مطالبو

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ڏڙو لڳ زهريلي ماکي جو حملو، پيرسن فوت، عورت ۽ ٻارڙن سميت 5 ڄڻا زخمي، ڏڙو جي سرڪاري اسپتال ۾/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سکر ۾ برطرف ڪيل ليڊي هيلٿ ورڪرز جو احتجاج

ورڪرز طرفان مسئلا حل نه ٿيڻ جي صورت ۾ پوليو مهم جي بائيڪاٽ جو اعلان

حفيظ پتو، ثمينه ميراڻي ، صوبيه راجپوت، فرزانه ، رميز احمد ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ مبينه جبري طور برطرف ڪيل ليڊي هيلٿ ورڪرز جو سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو مسئلا حل نه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ميرپورماٿيلو ۾ پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

ڊي ايڇ ڪيو پريس ڪلب کان گهنٽا گهر تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

ريلي ۾ پريا ڪماري سميت سيني مغوين جي بازيابي لاءِ ڇتي نعريبازي

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپورماٿيلو: سنگرار مان اغوا ڪيل معصوم نياڻي پريا ڪماري، ۽ ٻين مغوين جي آزادي لاءِ پاڪستان پيپلزپارٽي شهيد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني تي پريس ڪلب نوشهرو فيروز آڏو احتجاجي مظاهرو

مظاهري ۾ سنڌي ادبي سنگت، سنڌ صحافي اتحاد، سميت مختلف سياسي، سماجي ۽ صحافي تنظيمن جي اڳواڻن جي شرڪت

رحيم بخش ڪوسو، ايم ظفر تگڙ، يونس راڄپر، مولابخش مشوري، خالد حسين چانڊيو، نظير احمد سولنگي ۽ ٻين مظاهري جي اڳواڻي ڪئي

سنڌ اندر بدامني ڦهلائڻ ۾ حڪومتي وڏيرا ۽ پوتار ملوث آهن جن هٿ سان سنڌ جي امن واري ڌرتيءَ کي جهنم بڻايو آهي: ايم ظفر تگڙ

نوشهروفيروز (رپورٽ اسد علي عمراڻي) معصوم پريا ڪماري جي بازيابي، شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري ۽ سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني تي پريس ڪلب نوشهرو فيروز آڏو احتجاجي مظاهرو، جنهن ۾ سنڌي ادبي سنگت، سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

نوشهروفيروز: مختلف تنظيمن پاران پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

بدين ۾ خودڪشي ڪندڙ نوجوان جي پيءُ جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ٽنڊو ۾ خودڪشي ڪندڙ 24 سالا نوجوان شهزاد علي ڪنير جي پيءُ شيراز علي ڪنير جي ٽنڊو ٿاڻي تي ٻن جوابدارن مهر علي شاهه ۽ عمران قاضي خلاف ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيو آهي انهي سلسلي ۾ فريادي شهزاد: ڪنير ايف آءِ آر ۾ ڄاڻايو آهي ته سون جي پاءُ شهزاد کان 13 مارچ تي قاضي عمران ۽/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ايس ايس پي ٺٽو طرفان عوامي مسئلن جي حل لاءِ ڪليل ڪچهري سڏائي وئي

ايس ايس پي ٺٽو عوام جون شڪايتون ٻڌيون ۽ فوري طور تي شڪايتن تي عمل ڪرڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا

کلي ڪچهري جو مقصد پوليس ۽ عوام وچ ۾ پيدا ٿيل وٿي کي ختم ڪرڻ آهي، سندس چوڻ هو ته ڏوهاري ڪيترو به بااثر هجي بخش نه ڪيو ويندو: محمد عمران خان

ٺٽي ۾ پوليس جي ڪا وڏي نفري جي موجودگي ناهي پر ان جي باوجود اسان پوليس کي پابند ڪنداسين: ڪچهري دوران ڳالهيون

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) سنڌ حڪومت جي تبديلي ڪانپوءِ ٺٽي ضلعي ۾ مقرر ايس ايس پي ٺٽو ڊاڪٽر محمد عمران خان پاران ايس ايس پي آفيس ٺٽو ۾ عوامي مسئلن ۽ شڪايتن کي حل ڪرڻ لاءِ کلي ڪچهري منعقد ڪئي وئي ايس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

گهارو ۾ جيئي سنڌ محاذ جي سڏ تي احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

پريا ڪماري جي آزادي ۽ گهاري ۾ قتل ٿيل عبدالخالق قريشي جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو

اسان سڄي سنڌ ۾ هميشه مظلومن جو آواز بڻجندا رهون ٿا، سڄي سنڌ ۾ بدامني زور تي آهي: سيد نواز شاهه ياداڻي

شهر ۾ اسٽريٽ ڪرائم ۽ ڀهراڙي ۾ ڏاڙيل ڪلچر قائم ڪيو ويو آهي پريا ڪماري جي والدرت جا ڳوڙها ڳاڙي رهي آهي

گهارو (رپورٽر: بشام جوکيو) گهارو شهر ۾ جيئي سنڌ محاذ طرفان پريا ڪماري جي آزادي ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

گهارو: جسم پاران اغوا ٿي ويل پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

سماجي تنظيم سيتا سرجهار فورم جي جدوجهد کي هڪ سال 61 ڏينهن مڪمل

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو جي تاريخي ۽ قديم شهر سيتا جي سماجي تنظيم سيتا سرجهار فورم جي جدوجهد کي هڪ سال 61 ڏينهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڪيل واعدن موجب سکر ۾ ستر سيڪڙو ترقياتي ڪم مڪمل ڪيا ويا آهن: ڊپٽي ميئر ڊاڪٽر ارشد مغل

اليڪشن کان اڳ سکر جي عوام سان ڪيل واعدن تي عمل ڪندي شهر ۾ ستر سيڪڙو ترقياتي ڪم مڪمل ٿي چڪا آهن

نئون ڳوٺ ۽ نيوپنڊ جي حوالي سان ڊپٽي ميئر چيو ته نئون ڳوٺ ۾ واٽر سپلاءِ ۽ ڊرينيج لائين منصوبن جي ڪري روڊن جي ڪم تاخير ٿي آهي

نئون ڳوٺ ۾ پنجاهه سال پراڻي واٽر سپلاءِ ۽ ڊرينيج لائين بند ٿي چڪي هئي جنهن سبب اسان نئي لائينون نيون وڇايون آهن

سکر (بيورو رپورٽ) ڪيل واعدن موجب سکر ۾ ستر سيڪڙو ترقياتي ڪم مڪمل ڪيا ويا آهن ڊپٽي ميئر ڊاڪٽر ارشد مغل تفصيل موجب: ڊپٽي ميئر ڊاڪٽر ارشد مغل چيو آهي ته اليڪشن کان اڳ سکر جي عوام سان ڪيل واعدن تي عمل ڪندي شهر ۾ ستر سيڪڙو ترقياتي ڪم مڪمل ٿي چڪا آهن ۽ باقي رهيل ڪم به جلد مڪمل ڪيا ويندا نئون ڳوٺ، ۽ نيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

خانپور ۾ ملڪ برادري جي گهرن تي ڪراچي پوليس جي ڪارروائي

ڪارروائي ۾ پوليس ڪراچي مان اغوا ٿيل ناري عظما ڌي عبدالشڪور بنگالي کي بازياب

ناري عظما ناري کي اغوا ناهي ڪيو ڪيس نڪاح ڪيو آهي: گرفتار دعويدار مڙس جون ڳالهيون

رشيد ملڪ اغوا ٿيل ناري کي لاڳاپيل ڪورٽ ۾ اڄ پيش ڪيو ويندو: پوليس جو موقف

خانپور (رپورٽر: عتيق ابڙو) خانپور ويجهو ڳهر پنهنجا ۾ ملڪ برادري جي گهرن تي ڪراچي ۽ خانپور پوليس جي گڏيل ڪارروائي ڪراچي مان اغوا ٿيل ناري عظما ڌي عبدالشڪور بنگالي کي بازياب سندس جو دعويدار مڙس رشيد ملڪ کي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ڪراچي ۾ سهراب سومرو جي سڏ تي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج

افسوس جي ڳالهه آ جو اسان جي ملڪ جون طاقتور قوتون هڪ معصوم نياڻي کي بازياب ڪرائي ناهي سگهيا آهن: مظاهرو ڪندڙ

افسوس جي ڳالهه آ جو اسان جي ملڪ جون طاقتور قوتون هڪ معصوم نياڻي کي بازياب ڪرائي ناهي سگهيا آهن

هڪ معصوم نياڻي جو آخر ڏوهه ڪهڙو آهي اڄ ان جي جيجل جي اکين ۾ پنهنجي راڻيل جي واپسي لاءِ نيڻ انتظار پيا ڪن

ڪراچي (رپورٽ باغي ساگر پهنوار) پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ مزاحيا اداڪار سهراب سومرو جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ڪراچي: اداڪار سهراب سومرو جي اڳواڻي ۾ پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

پنگوبهڻ ۾ ڪٽڪ جو بمپر فصل مارڪيٽ ۾ اچي ويو

پنگوبهڻ (رپورٽر) پنگوبهڻ ۾ ڪٽڪ جو بمپر فصل مارڪيٽ ۾ اچي ويو، اناج اپائيندڙ هاري پريشان، سرڪاري سينٽر کلي نه سگهيو واپارين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

سنڌ جيان سڄاول ۾ به هندو برادري پاران هولي جو ڏهاڙو سادگي سان ملهايو ويو

معصوم پريا ڪماري جي آزادي لاءِ هندو برادري ۽ سول سوسائٽي پاران ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو

سڄاول ۾ هندو برادري پاران رنگن جو تهوار هولي جو ڏهاڙو سادگي سان ملهايو ويو

اسان چيف جسٽس ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ٿا ڪريون ته فوري طور تي معصوم پريا ڪماري کي بازياب ڪرايو وڃي

سڄاول (رپورٽ ممتاز علي نهڙيو) سموري سنڌ جيان سڄاول ۾ به هندو برادري پاران هولي جو ڏهاڙو سادگي سان ملهايو ويو، معصوم پريا ڪماري جي آزادي لاءِ هندو برادري ۽ سول سوسائٽي پاران ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو. سڄاول/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

ڏاڙيل ڪلچر نامنظور، نامنظور: ٽنڊو محمد خان ۾ پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج

ايوب ڪوريجو جي اڳواڻي ۾ قليلي پل کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

معصوم پريا ڪماري جي اغوا کي 22 مهينا گذري چڪا آهن پر اڃان تائين معصوم نياڻي پريا ڪماري بااثر وڏيرن جي چنگل مان آزاد نه ٿي سگهي آهي: اڳواڻ

هندو برادري سنڌن مذهبي ڏڻ هولي جي رنگن سان رنگجي خوشيون ملهائي رهي آهي پر معصوم نياڻي پريا ڪماري جي امڙ رت ڳوڙها هاري رهي آهي

ٽنڊو محمد خان (ڊاڪٽر علي بروهي) جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي سڏ تي سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

ٽنڊو محمد خان: جسم پاران پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٺٽو ۾ چورن درگاهن کي به بخش نه ڪيو، سولر پليٽون چوري

ٺٽو (رپورٽر) چورن درگاهن کي به بخش نه ڪيو، ٺٽي کان 17 ڪلو ميٽر پري ٺٽو واپا جهمپير لنڪ روڊ پرسان جابلو ٽڪري تي قائم درگاهه حضرت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37

ملير: عوامي تحريڪ ڪراچي ڊويزن جو اجلاس ٿي گذريو

اجلاس ۾ عوامي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري نور احمد ڪاتيار خصوصي شرڪت ڪئي

پ پ سنڌي وسندين جو سودو ڪري اقتدار حاصل ڪيو آهي، بنيادي سهولتن کان محروم ڪيو آهي

سنڌ ۾ ڄاڻي واڻي ڏاڙيل ڪلچر کي هٿي ڏني وئي آهي، ڪنهن جي به جان ۽ مال محفوظ نه آهي: اڳواڻ

ملير (د ــ ر) عوامي تحريڪ ڪراچي ڊويزن جو اجلاس ڊويزن جي صدر عبدالله ٻهڙ جي صدارت ۾ پيهري ۾ ٿي گذريو، جنهن ۾ عوامي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري نور احمد ڪاتيار خصوصي شرڪت ڪئي. هن اجلاس کي خطاب ڪندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 38

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چنڊريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
سومر 25 مارچ 2024ع

جسٽس شوڪت عزيز کي مليل انصاف

هن ملڪ جي عدليہ ۾ جسٽس منير جو روح ايترو تہ سرايت ڪري ويل آهي، جو ڪڏهن ڪڏهن فيصلن ۾ اڃان تائين اهو ڳالهائيندي پڌرو ۽ نظر ايندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڪيترن ئي تڪراري فيصلن جي ڪري عدليہ پنهنجي توقير تي پاڻ ئي آگر کڻڻ لاءِ اسباب مهيا ڪندي رهندي آهي. تازو جسٽس قاضي فائز عيسيٰ (چيف جسٽس آف پاڪستان) جي سربراهي ۾ جوڙيل بئنچن پہ شاندار فيصلا ڏنا آهن. جن مان هڪڙو فيصلو شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي سزا جي حوالي سان اڳوڻي صدر آصف علي زرداري جي موڪليل ريفرنس تي ٻڌايو ويو ۽ جنهن ۾ اهو تسليم ڪيو ويو تہ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کي فيئر ٽرائل وارو حق ڪونہ مليو ۽ ان خلاف ڏنل فيصلي ۾ انصاف جون گهرجون پوريون نہ ڪيو ويون. جڏهن تہ ٻيو فيصلو اسلام آباد جي هاءِ ڪورٽ اڳوڻي جسٽس شوڪت عزيز صديقيءَ کي سپريم جڊيشل ڪائونسل طرفان برطرف ڪرڻ واري سفارش بابت پڻ آهي، جنهن ۾ سپريم جڊيشل ڪائونسل جي سفارش ۽ فيصلي کي ڪالعدم قرار ڏيندي جسٽس صديقي جي حق ۾ فيصلو ڏنو ويو آهي ۽ ڪيس پينشن سميت سمورين مراعتن جو حقدار قرار ڏنو ويو آهي ۽ چيو ويو آهي تہ ڪيس جي فيصلي ۾ دير ٿي، جنهنڪري شوڪت عزيز رٽائرمينٽ جي عمر تائين پهچي ويو، ان ڪي جج طور بحال نٿو ڪري سگهجي. جسٽس شوڪت صديقي رٽائرڊ جج تصور ٿيندو. عدالتي فيصلي ۾ چيو ويو آهي تہ جسٽس شوڪت صديقي کي شفاف ٽرائل کان محروم رکيو ويو ۽ جنرل فيض حميد تي الزام ثابت ڪرڻ جو موقعو نہ ڏنو ويو. فيصلي ۾ قرار ڏنو ويو آهي تہ شفاف ٽرائل بنا جج کي هٽائڻ عدليہ جي آزاديءَ لاءِ وڏو ڌڪ آهي.

اسان جي ملڪ جي عدليہ جي تاريخ انصاف جي ابتڙ آيل فيصلن جي ڪري انتهائي تڪراري ۽ سوال جوڳي رهي آهي. اعليٰ عدليہ جي تاريخ تي نظر وجهنداسين تہ اها آمرن جي پرڇاڻي، حامي ۽ حمايتي ۽ ساٿڻ گڏ بيٺل نظر آئي آهي. عدليہ آمرن جي فيصلن کي قبوليت ڏني ۽ ايتري قدر جو سنگين غداري وارن قدمن جون مڙئي مدايون ميٽيون ويون. ايتري قدر جو ججن پي سي او تحت قسم کنيا. عدليہ جي ان ئي ڪردار جي ڪري هن ملڪ ۾ جمهوريت جو سلو پختو ٿي نہ سگهيو آهي. الميو اهو آهي تہ خود عدليہ جي معزز ججن کي بہ انصاف وٺڻ لاءِ پاڻ عدالتي ڪٽهڙي ۾ بيهڻو ۽ انصاف وٺڻو پيو. جنهن جو هڪ مثال خود موجوده چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ آهي ۽ ٻيو سپريم جڊيشل ڪائونسل جي نا انصافي جو نشانو جسٽس شوڪت عزيز صديقي بڻيو آهي. سپريم جڊيشل ڪائونسل جي سفارش تي 2018ع ۾ تڏهوڪي صدر عارف علوي جسٽس شوڪت عزيز جي برطرفي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو هو. جڏهن هن ملڪ جي عدالتي سرشتي ۾ خود منصفن کي بہ انصاف پلئہ نہ پوي تہ ان مان اهو اندازو آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو تہ عام ماڻهن کي ڪهڙو انصاف ملندو هوندو. جسٽس (ر) شوڪت عزيز صديقي ڳجهن ادارن تي الزام لڳايا هئا تہ اهي عدالتي ڪم ۾ مداخلت ٿا ڪن. ايتري قدر جو من پسند فيصلن لاءِ بينچ جوڙڻ لاءِ پڻ مداخلت ڪئي وڃي ٿي. جسٽس شوڪت عزيز صديقي ڳجهي اداري جي اڳوڻي ڊي جي جنرل فيض حميد تي پڻ دٻاءَ وجهڻ جا الزام لڳايا هئا ۽ هن اهڙو اظهار بار طرفان هڪ ميڙاڪي کي خطاب دوران ڪيو هو.

جسٽس شوڪت عزيز تازي فيصلي اچڻ ڪانپوءِ بہ اها پنهنجي گهر ورجائي آهي تہ معاملي جي جاچ ٿيڻ گهرجي. حقيقت بہ اها آهي تہ جسٽس شوڪت عزيز کي انصاف تہ ڏنو ويو آهي پر جيڪي نا انصافي جو سبب، محور ۽ مرڪز رهيا آهن، انهن کي قانون جي پڪڙ ۾ اچڻ گهرجي. عدليہ تڏهن ئي انصاف مهيا ڪري سگهي ٿي، جڏهن اها هر دٻاءَ کان آجي هجي پر اسان جي ملڪ ۾ عدليہ کي هميشہ مرضيءَ موجب هلائڻ جي ڪوشش ٿيندي رهي آهي. عدليہ جي آزادي ان جي فيصلن مان نظر ايندي آهي پر بدقسمتي اها آهي تہ ملڪي تاريخ ۾ حڪمرانن هميشہ عدليہ کي ڍال طور استعمال ڪيو آهي. جسٽس شوڪت عزيز صديقي جي لڳايل الزامن بابت پڻ جاچ ٿيڻ گهرجي ها. پر ايئن نہ ڪيو ويو. هن ملڪ جي عدليہ کي آزاد فيصلن جي ذريعي پنهنجي توقير مڃرائڻي پوندي.

شهيد هوش محمد شيدي جي ياد ۾

عنايت قمبراڻي

جرنيل هوش محمد شيدي جنهن جي باري ۾ مؤرخ لکن ٿا تہ هي مير صوبدار خان جو همر عمر ۽ ويجهو ساٿي هو جيڪو 23 مارچ 1843ع ۾ انگريزن سان دٻي جي ميدان ۾ جنگ ڪندي شهيد ٿيو هو هن جنگ ۾ هوش محمد شيدي جي جرائت ۽ بهادري جا انهي حد تائين تاريخ ۾ مثال ملن ٿا تہ هن پنهنجن جي غداري، بارود جي سڙي وڃڻ ۽ شڪست کي اکين آڏو ڏسندي وطن جي حب ۾ جوان مردي سان دشمنن کي للڪاريندي مرسون مرسون سنڌ نہ ڏيسون جو نعري سان سنڌ جي سپاهين ۾ نئون روح ڦوڪي ڇڏيو ۽ هن مرد مجاهد پنهنجي عقل ۽ دانشمندي سان بارود نہ هجڻ باوجود توبن ۾ پٿر نڪروڇهي ڌماڪا ڪري دشمن فوج کي ڪجهہ وقت لاءِ پوئتي هٽڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي سپاهين کي اٿئون ڏيندي دشمن کي زير ڪرڻ لاءِ تلوار ۽ ڪهاڙي هٿ ۾ کڻي پنهنجي ساٿين سميت مرسون مرسون پر سنڌ نہ ڏيسون جا نعرا هڻندي ميدان جنگ ۾ ڪاهي پيو ۽ آخري سڏڪي تائين وڙهندي وڙهندي سنڌ ڌرتي تان قربان ٿي ويو

هوشو بابت هن وقت تائين مختلف محققن اديبن تاريخدانن لکيو آهي پر ڪير بہ هن وقت تائين انهيءَ تہ تائين ناهي پهتو تہ هوشو ۽ ان جا وڏا اصل ۾ سنڌ جي سرزمين تي ڪيئن ۽ ڪٿان آيا بس صرف ايترو ملي ٿو تہ هوشو حبشي غلام هو. جنهن جو والد سنڌ جي تڏهوڪي حڪمران مير فتح علي خان ٽالپر وٽ گهرو ملازم طور ڪم ڪندو هو. ۽ ڪي وري لکن ٿا تہ سنڌ اندر شيدين کي آفريڪا، تنزانيا ۽ ٻين ملڪن مان قيد ڪري مختلف ملڪن ۾ جانورن جيان وڪرو ڪيو ويندو هو ۽ هوشو جي وڏن بابت پڻ اها ڏند ڪٿا آهي تہ هي ايراني نار مان اسمگل ٿي ڪراچي بندر تي وڪاميا هيا. جڏهن تہ وليم نيپئر پنهنجي ڪتاب 'سنڌ جي فتح' ۾ هوشو شيديءَ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ هوشو اصل ۾ فرينچ سپهہ سالار نيپولين جي فوج جو سپاهي هو، اتي مصر ۾ رهي انگريزن جي فوج سان وڙهيو. توپ خاني جي مهارت فرانسيسين کان حاصل ڪيائين. مصر ڪان پوءِ مسقط آيو جڏهن سنڌ جي اميرن مسقط جي اميرن کان توپون گهرايون، تڏهن هوش محمد شيدي بہ انهن سان گڏجي هتي آيو ۽ هن سنڌ کي هميشہ لاءِ پنهنجو وطن بڻايو.

مياڻيءَ جي شڪست ڪانپوءِ 23 مارچ 1843ع تي حيدرآباد شهر کان ڪجهہ ميل جي پنڌ تي دبہ ناريجا ۾ دو آبي واري ماڳ تي مير شير محمد ٽالپر جي اڳواڻي ۾ سنڌ جي فوج ۽ انگريزن وچ ۾ لڙائي لڳي. جنهن ۾ سنڌ جي سپاهين هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجو پاڻ مڃايو پر مياڻيءَ جي فتح کان پوءِ انگريز جي فوج نفسياتي طور حاوي ٿي چڪي هئي ۽ مقامي ماڻهن مان گهڻن انگريزن جو پاسو ٿي ورتو. نيپيئر هن نفسياتي اثر کي ڀرپور طريقي سان پنهنجي فائدي لاءِ

ڪتب آندو ۽ ڪيترن ئي ماڻهن کي مخبريءَ تي لڳايو. اهڙن مخبرن وسيلي سرچارلس نيپيئر دو آبي واري جنگ ۾ ٽالپرن جي بارود خاني کي باهہ ڏيارڻ ۾ ڪامياب ٿيو. جنهن جنگ جو پاسو بدلائي ڇڏيو. بارود خاني کي باهہ لڳڻ کان پوءِ سنڌ جي فوج سمجهي چڪي هئي تہ هاڻي انگريز کي روڪڻ ناممڪن آهي. تنهن ڪري هوش محمد شيدي ۽ ٻين مير شير محمد ٽالپر کي ٻي جنگ جي تياري لاءِ دو آبي جي ميدان مان نڪرڻ جي صلاح ڏني. جنهن اتان نڪري شهداد پور، ايپور، گهوٽڪي ۽ ٻين علائقن ۾ انگريزن جي خلاف گهڻي وقت تائين گوريلا ويڙهہ جاري رکي.

بهرحال تاريخ جي ستم ظريفي چئجي يا پنهنجن جي جو سنڌ جي هنن بهادر ويڙهاڪن جن ڌرتي جي محبت ۾ حب الوطني جي جذبي سان انهي وقت جي طاقتور چالاڪ ۽ جنگي سازوسامان سان ليس انگريز لشڪر سان مهاڏو اٽڪائي ڪين رڪ جا ڇڪا ڇڙائڻ تي مجبور ڪيو جن جي نہ مڪمل تاريخ ملي ٿي ۽ نہ ئي سندن آخري آرامگاهون محفوظ آهن ٻين شهيد سورمن سان گڏ هڪ طرف تہ شهيد هوش محمد شيدي جي تاريخ مڪمل طور تي متنازعہ بڻيل آهي ۽ جيڪا ٿوري گهڻي ظاهر ٿئي آهي اها بہ انگريزن رائيٽر ۽ جنگ جي جنرل چارلس نيپيئر جي ڀاءُ وليم نيپيئر پنهنجي ڪتاب سنڌ جي فتح ۾ لکي ڪافي حد تائين حقيقت بيان ڪئي آهي پر پوءِ بہ اسان جي دانشورن پاران سندس مزار کي هٿ وٺي تڪراري بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ڪن ليکڪن تہ پڪي قلعي ۾ مزار جا حوالا ڏئي شهيد جي آخري آرمگاهہ کي پڻ متنازعہ بڻايو بحرحال جس هجي اسان جي شيدي قوم جي انهن ليڊرن کي جن هوشو کي ...

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دَردَ جي دَوا؛
جانِبَ! منهنجي جِيءَ ۾ آزَرَ جا آنوا؛
صاحبَ! ڏي شِفا، ميان! مريضنِ کي.

سچل سرمست جي عرس جي مناسبت سان واهہ مِٺي تنهنجو مُلهہ!

الطاف آثيم

دنيا جي مذهبن جي تاريخ جيتري قديم آهي، تصوف جي تاريخ اوتري ئي پراڻي آهي. ويدانت بابت ويدن ۾ آيو آهي تہ "ايڪو اهم .. بهم سامي" مطلب تہ مان هڪ ئي آهيان ۽ گهڻائي ۾ هجڻ چاهيان ٿو. (I am One, and wish to appear in many.) ڀڳوت گيتا ۾ آهي تہ "مان سڀني ساهوارن جو بنياد آهيان ۽ سڀ شيءِ مون منجهان آهي" (I am origin of all: From Me every creation proceeds.) گوتم ٻڌ چيو هو تہ: دنياوي اونداهي ۽ الاهي روشني، ٻئي ماڻهوءَ جي من ۾ موجود آهن. اهو ان تي منحصر آهي تہ هو جيڪا راهہ اختيار ڪري. (Worldly darkness and divine light both are inside human heart. Its ...

بقايا 01

۾ 6 ماڻهن جي قتل تي افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي تہ مون کي ڏاڍو ڏک ٿي رهيو آهي تہ رمضان المبارڪ جي پاڪ مهيني ۾ ...

سعودي عرب جي دفاع واري وزير شهزاده خالد بن سلمان بن عبدالعزيز السعودي جيڪو يوم پاڪستان پريڊ جو خاص مهمان هو. ان سان ملاقات ۽ خيالن جي ڏي وٺ ڪندي گهڻي خوشي مان ڪيس پاڪستان ۽ سعودي عرب جي ...

گذريل دور ۾ سعودي عرب پاڪستان جي معاشي صورتحال ۾ بهتري لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. طرفان سيني کان وڏو سول ايوارڊ نشان پاڪستان ملڻ تي سعودي دفاع واري وزير کي مبارڪباد پڻ پيش ڪئي وئي. سعودي دفاع واري وزير بہ يوم پاڪستان جي پريڊ ۾ بطور خاص مهمان جي طور تي گهرائڻ تي پاڪستان جو ٿورو ادا ڪيو.

بقايا 10

ڪي تعلق اسپتال ماتجهند آندو ويو فائرنگ ۾ مارجي ويلن جي فنگر پرنٽ ذريعي سڃاڻپ ڪئي وئي جنهن ۾ 35 ورهين جو پيٽارو واسي جوابدار دلدار ولد مٺل سولنگي منيارو واسي 40 ورهين جو دلبر مجيدائو ۽ 33 ورهين جو پيٽارو واسي منور ملاح طور ڪئي وئي مارجي ويل ميٺا ڌوهارين جي لاشن کي پوسٽ مارٽم ڪري سول اسپتال حيدرآباد جي سرد خاني منتقل ڪيو ويو جتي مارجي ويل جا وارثن عورتن ٻارڙن سميت وڏي تعداد ۾ پهچي ايمبولنس ۽ پوليس موبائيل جا شيشا ڀڃي ڇڏيا جتي پوليس پڻ لاٺي چارج ڪندي 5 ڄڻن کي زخمي ڪري 8 ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو وارثن موجب پوليس اڳوات گرفتار ڪيل سنڌي نوجوانن کي رشوت نہ ڏيڻ تي ڪين قتل ڪيو ويو آهي فوتي سبزي فروش ۽ پورهيت پڻ هئا انصاف ڪيو وڃي هوڏانهن شڪي پوليس مقابلي بابت متضاد اطلاع ملندا رهيا تہ جوابدارن کي گرفتاري بعد قتل فرائي ڪيو ويو جڏهن تہ ڪجهہ ذريعن جو چوڻ هو تہ سوزوڪي ڪلٽي ٿيڻ جي نتيجي ۾ ٽئي فوت ٿي ويا جنهن بعد مقابلو ڄاڻايو ويو ايس ايچ او سڪندر روڏناٽي موجب جوابدارن سان مقابلي ۾ جوابدارن جي شديد فائرنگ ۾ پوليس معجزاتي طور محفوظ رهي جوابدارن مان هڪ دلدار سولنگي تي حيدرآباد جي ٿاڻي تي منشيات جو پڻ ڪيس داخل آهي وڌيڪ بہ جانچ هلي رهي آهي جوابدارن تي پوليس مٿان فائرنگ ڊيوٽي اٽڪاءِ جو ڪيس داخل ڪيو اٿئون

بقايا — سنڌيار — 05

تہ ٻئي طرف واپارين پاران ڪاڏي پيتي جي نقلي شين جي وڪري جو سلسلو جاري آهي جنهن سبب شهرين جي صحت داءَ تي لڳل آهي نقلي هجڻ سميت بدبودار ڪاڇرو تيل وڪرو ٿيڻ لڳو گذريل ڏينهن ٺٽي ۾ ريٽ لسٽن تي عمل ڪرائڻ لاءِ ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو جي حڪم تي مڪلي ۽ ٺٽو ۾ مختيارڪار ٺٽو جي نگراني ۾ هڪ ٽيم ٺٽي ۽ مڪلي جي مختلف دڪانن تي ڇاپا هڻي کاڌ خوراڪ جو سامان جنهن ۾ خاص طور اٽو ـ چانور گيهہ سميت فروٽ جي سرڪاري ريٽ لسٽ تي عمل ڪرائڻ لاءِ ڪيل ڪاروائين ۾ ٺٽو ۽ مڪلي ۾ اهڙي نقلي ۽ بدبودار ڪاڇرو تيل جا ڪاٽن پڻ پڪڙيا ويا پر انهن دڪاندارن خلاف ٽيم پاران ڪنهن بہ قسم جو ڪوبہ ايڪشن عمل ۾ نہ آندو ويو ٺٽي جي شهرين ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو کان گهر ڪئي آهي تہ جن دڪانن تي اهڙي نقلي ۽ بدبودار ڪاڇرو تيل جو وڪرو ٿي رهيو آهي انهن خلاف سخت نوٽيس وٺي ڪاروائي ڪندي ضلعي ٺٽي جي شهرين جي صحت سان کيڏندڙ ٻہ نمبر شيون وڪڻندڙ دوڪاندارن خلاف ايڪشن ڪيو وڃي ۽ ٺٽي ۾ سرڪاري ريٽ لسٽن مطابق وڪري کي يقيني بڻايو وڃي

بقايا — سنڌيار — 06

جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪندي صحافين کي ٻڌايو تہ 3 ڏينهن اڳ ڪار اسٽاپ وٽ اسان جي نوجوان پورهيت منير سولنگي لياقت سولنگي تي معمولي ڳالهہ تان ٻاٿرن شمس سولنگي اسد سولنگي مجيب الرحمان سولنگي لٺيون ۽ سرن سان حملو ڪري منير سولنگي جي ڄنگهہ ڀڃي ڇڏي جڏهن تہ اهڙو فرياد نارو شاهہ ٿاڻي تي داخل ڪرڻ لاءِ وياسين پر حملي آور ٻاٿر اي ايس آءِ رشيد سولنگي سب انسپيڪٽر عالم اي ايس آءِ زنوار سولنگي ۽ ٻيا پوليس عملدارن جا ويجها عزيز هجڻ ڪري پوليس ڪيس وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو رهندو اسان غريبن تي ڪيس ڪرڻ ۽ ٻيهر حملو ڪرائڻ جي ڌمڪي ڏئي رهيا آهن اسان جي گرفتاري لاءِ پوليس ٽيڪسي اسٽاپ وٽ پوليس پڪٽ قائم ڪري ڇڏي آهي جنهن سبب خوف ۽ هراس ڇانيل آهي هنن چيو تہ اسان غريب مسلسل ٽن ڏينهن کان پوليس کان لڪندا پيا ورتون جنهن سبب اسان هاڻي بيروزگار لڳا پيا آهيون مٿان عيد بہ ويجهو آ پر پوليس ۽ ٻاٿرن کي ڪو بہ رحم نہ پيو اچي هنن ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ۽ ايس ايس پي نوشهروفيروز کان ٻاٿرن مٿان ڪيس داخل ڪرڻ ۽ تحفظ جي اپيل ڪئي ٻي صورت ۾ سپائي عدالت سکوري جو در ڪڙڪائڻ سميت سخت احتجاج پڻ ڪيو ويندو

بقايا — سنڌيار — 07

هجي ايس ٽي پي جي قائم مقام چيئرمين ڄام فتاح سميجو جي ڪراچي ايسٽ پريس ڪلب تي پريس ڪانفرنس خبرموجب سنڌ ترقي پسند

ايجنسي تان 12 لک ڦري ويا آهن جڏهن گهرن دڪانن ڳاڏين مان دڪانن مان چورين جو نہ ڪٽندڙ سلسلو جاري آهي پر بدين پوليس ڪنهن بہ جوابدار کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي هنن چيو تہ بدين جي شهرين ۽ واپارين متاثر دڪاندارن ڦر چوري جي واپسي ۽ امن امان جي بحالي لاءِ ڪافي صبر جو مظاهرو ڪيو آهي پر پوليس ان جو ناجائز فائدو وٺي شهر ۾ امن امان جي ٻيڙي ٻوڙي ڇڏي آهي تنهن ڪري هاڻ پوليس جي ڪنهن نااهلي سستي ڪاهلي کي برداشت نہ ڪيو ويندو هنن چتاءُ ڏيندي چيو تہ ٽن ڏينهن اندر دڪاندار محمد سومرو حاجي غني عباسي ٻيهي خواجہ شعيب ميمڻ بشير جوٽيجو ۽ ٻين وارداتن جا جوابدار گرفتار نہ ٿيا تہ پوليس خلاف شهر ۾ احتجاجي مظاهرن ۽ شٽر بند هڙتال ۽ بڪ هڙتال جو سلسلو شروع ڪيو ويندو جيڪو شهر ۾ مڪمل امن امان ۽ جوابدارن جي گرفتاري تائين جاري رهندو

بقايا — سنڌيار — 10

سموري سنڌ جيان وارہ ۾ بہ سياسي سماجي اڳواڻن طرفان احتجاجي ريلين ۽ مظاهرن جو سلسلو جاري آهي اڄ ٽئين ڏينهن بہ مختلف سياسي سماجي اڳواڻن طرفان احتجاجي ريلي ڪڍي تعلقہ پريس ڪلب وارہ اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن عرفان منان چانڊيو تجيب چانڊيو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ سنڌ ۾ هٿ وٺي ڌاڙيل ڪلچر پيدا ڪيو پيو وڃي جيئن سنڌ جي زمينن تي قبضو ڪري سگهجي هنن مطالبو ڪندي گهر ڪئي تہ وارہ لڳ ڳوٺ رحمون ڪوسو ۾ جنسي زيادتي بعد بي دردي سان قتل ٿيل معصوم نيائي شبيران ڪوسو جا قاتل گرفتار ڪري معصوم نيائي پريا ڪماري کي آزاد ڪرائي اسان مان بيچيني ختم ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ پرامن احتجاجي سلسلو جاري رکيو ويندو

بقايا — سنڌيار — 11

ڪيڙي تباهہ ڪري ڇڏيو ڪروڙين روپين جي لاڳت سان ٺهيل مختلف روڊن جي ڪيڙي خلاف علائقي واسين طرفان احتجاجي مظاهرو، ٽريڪٽر گوبل مالڪن ۽ ڊرائيورن خلاف سخت ڪاروائي جو مطالبو تفصيل موجب دڙو، ميرپوربٺورو، بيلو، ابڙال، جهوڪ شريف، ٻنون وايا قادرڏنو شاهہ حيدرآباد اهم قومي شاهراهن تي بغير ٽائر لڳل گوبل ٽريڪٽر هلڻ ۽ ان جي نتيجي ۾ روڊ اکڙڻ خلاف ٻنون ۽ ڀرپاسي جي مختلف علائقي واسين يونس گگو، طفيل مگسي، غلام نبي گگو، گلزار ملاح، حسن شيخ ۽ ٻين قومي شاهراهہ تي اچي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ علائقي واسين ڳالهائيندي چيو تہ وڏي عوامي جدوجهد ڪرڻ کان پوءِ سنڌ سرڪار ڪروڙين روپين جي لاڳت سان دڙو، ميرپوربٺورو، ٻنون، ابڙال، قادرڏنو شاهہ حيدرآباد روڊ تعمير ڪرايا آهن. پر انتظاميا جي عدم توجهي سبب بغير ٽائر لڳل ٽريڪٽر گوبلن مختلف روڊن کي ڪيڙي ڪري تباهہ ڪري ڇڏيو آهي. اهم قومي روڊ تعمير ٿيڻ جي ٿوري وقت ۾ ٽريڪٽر گوبل جي ڪيڙي سبب هنڌان هنڌان اکڙي رهيا آهن. هنن چيو تہ روڊن تي گوبل هلائيندڙ مالڪن ۽ ڊرائيورن کي روڪيو ٿا تہ اهي وڙهڻ لاءِ تيار آهن. جڏهن تہ پوليس فقط ڀتا خوري ڪرڻ ۾ مصروف آهي روڊن تي گوبل هلائيندڙ مالڪن ۽ شوباز ڊرائيور خلاف ڪابہ ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. هنن سنڌ حڪومت آئي جي سنڌ. ڊي آئي جي حيدرآباد. ڊي سي ۽ ايس ايس پي سجاول کان گهر ڪئي تہ ڪروڙين روپين جي ماليت سان ٺهيل روڊن کي ڪيڙي تباهہ ڪندڙ گوبل ڊرائيورن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا — سنڌيار — 12

سنڌ ڪلچرل فورم ضلعي سجاول جي سنڌ تي پيلي شهر ۾ SCF اڳواڻن ارشد درس، رحيم بخش ٿهيم ،امتياز دڙپو استاد آفتاب ڀجورو ،مبارڪ سولنگي ۽ حبدار چارڻ جي قيادت ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج ڪندڙن چيو تہ گذريل ڪيترن سالن کان سڄي سنڌ خاص طور اتر سنڌ ۾ ڌاڙيلن ۽ سماج دشمن عناصرن ماڻهن کي مارڻ ،اغواءِ ڪرڻ جي اڻ علائي اجازت مليل آهي پر گذريل ٻن مهينن دوران اتر سنڌ ۾ ڇهن بهترين ۽ فرض شناس استادن کي ٽارگيٽ ڪري قتل ڪيو ويو آهي جيڪو عمل انتهائي تشويش ناڪ ۽ ڏکوئيندڙ آهي سنڌ ڪلچرل فورم جي قيادت سمجهي ٿي

آهي. استاد الله رکيو وقت حڪومت کي اڳي ئي آگاهہ ڪيو هو تہ سندس جان کي خطرو آهي، هو انتهائي دلير ۽ قوم جو همدرد استاد هو چوتہ هو پنهنجي حفاظت لاءِ هٿيار کڻي بہ ڊيوٽي سر انجام ڏيندو رهيو پر ڌاڙيلن جي منظم نظام کان بچي نہ سگهيو ۽ هن قوم جي ٻچن جي لاءِ جان جو نظرانو ڏنو سنڌ ترقي پسند پارٽي جي پير بخش ڀهلڪائي ۽ اصغر سبزوئي چيو تہ ڪشمور جو جمال وارو علائقو جتي استاد الله رکيو کي شهيد ڪيو ويو ڪچي ۾ نڪو اچي ٿو ڪچي واري علائقي کان وڌيڪ خطرناڪ ٿي چڪو آهي. اغوا ڪاريون اتان ٿين ٿيون ۽ مغوي ڪچي موڪليا وڃن ٿا. جڏهن اليڪشن جو ورڪ پٽي هليو ان وقت تہ ڪا بہ بدامني نہ هئي، ان وقت ماڻهو ڦرجڻ ۽ قتل جا واقعا تہ پيش نہ آيا پر جيئن ئي اليڪشن گذري آهي تہ ڌاڙيلن رڻ ٻاري ڏنو آهي. جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هي سڀ ڪجهہ ڪنهن جي اشاري تي ٿي رهيو آهي. هنن مطالبو ڪيو تہ استاد الله رکيو ندوائي سميت سڀني استادن جي قاتلن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي. ۽ قانون تي عمل ڪرائي سنڌ جي امن امان کي بهتر بڻائي عام ماڻهن جي جان ۽ مال جي حفاظت کي يقيني بڻايو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 17

ڏر جي ياسين سولنگي، مير علي رضا، ظهير ۽ ٻين زبردستي هٿيارن جي زور تي گهر ۾ داخل ٿي گهر جي پيچ داهہ ڪري عورتن ۽ معصوم ٻارڙن کي تشدد جو نشانو بڻايو جنهن ۾ مسمات نوابزادي زال راشد علي سولنگي زخمي ٿي پئي عورتن ٻارن جي دانهن رڙين تي محلي وارا پهچي ويا جوابدار فائرنگ ڪري فرار ٿي ويا زخمي عورت اي سيڪشن ٿاڻي تي پهچي مخالف ڌر خلاف اين سي داخل ڪرائي پوليس زخمي عورت کي علاج لاءِ ليٽرجاري ڪري سول اسپتال دادو روانو ڪري ڇڏيو

بقايا — سنڌيار — 18

غلام قادر سومرو جي قبر جي بيحرمتي ڪرڻ خلاف پ پ شهيد ڀٽو پاران پريس ڪلب دادو اڳيان بابو احسان ڀٽو، فيروز سومرو، رمضان بروهي، رفيق سومرو، گلاب خان لنڊ، خالد ڪيهر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، احتجاجي مظاهري ۾ معصوم ٻارڙن پڻ شرڪت ڪئي. مظاهري ۾ شامل ڪارڪنن جي هٿن ۾ بينر، پلي ڪارڊ ۽ پارٽي جهنڊا کنيل هئا. جيڪي زوردار نعريبازي ڪري رهيا هئا.

بقايا — سنڌيار — 19

لاش کي مقامي ٿوهن جي مدد سان ڪڍيو مڪلي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جتان ڊاڪٽرن پاران ضروري ڪاروائي ڪانپوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو ويو موت جو سبب مٽي ۾ چڪراچڻ ٻڌايو پيو وڃي

بقايا — سنڌيار — 20

چيو تہ اسان جو سلوگن آهي لاوارثن جي وارث ۽ بي آواز جو آواز جي ڊبليو سي جتي جتي ظلم ٿيندو جي ڊبليو سي جا ڪارڪن مظلوم سان گڏ بيهندا . هن چيو تہ عيد ڪانپوءِ ضلعي جي سمورن تعلقن ۽ ضلعي عهديدارن کي قسم کڻائڻ جي تقريب ڪرائي ويندي گڏجاڻي جي آخر ۾ اتفاق راءِ سان جي ڊبليو سي تعلقي پريا جي باڊي چونڊي وئي جنهن ۾ تعلقي صدر نذير علي منگي، سينئر نائب صدر محمد ابراهيم ميمڻ. نائب صدر ساجد علي عمراڻي، جنرل سيڪريٽري راشد مجيد چوهاڻ، جوائنٽ سيڪريٽري راشد علي ميمڻ، خزانچي جنيد علي لاڙڪ، پريس سيڪريٽري يعقوب علي مغل، آفيس سيڪريٽري لاءِ علي حيدر عباسي چونڊيا ويا جڏهن تہ ورڪنگ ڪاميٽي لاءِ رانا سرور شريف ، محمد رفيق عمراڻي ،عرفان علي عالماڻي ،حامد مجيد، عبدالحميد قريشي چونڊيا ويا. چونڊيل باڊي کي گلن جا هار پارائي مبارڪباد ڏني وئي.

بقايا — سنڌيار — 21

ڊاڪٽر دير سان پهچڻ سبب مريض تڙپندا رهيا، وارثن جو ڊيوٽي ڊاڪٽر ۽ ايمبولنس ڊرائيور خلاف سخت ڪارروائي جي مطالبو تفصيل موجب دڙو لڳ ڳوٺ جمعون سومرو ۾ گهر ۾ ويٺل وڏي ماکي گهر ڀاتين مٿان حملو ڪري ڏنو جنهن جي نتيجي ۾ ماکي جي ڏنگڻ سبب 75 ورهين جو پيرسن روزيدار حسين سومرو فوت ٿي ويو جڏهن تہ زخمين ۾ فوت ٿيل پيرسن جي گهر واري آسيت سومرو، ڪلثوم . غلام عباس، صالح محمد ۽ نور محمد شامل آهن. وارثن پيرسن جو لاش ۽ زخمين کي فورن رورل هيلٿ سينٽر دڙو آندو. جتي ڪافي دير بعد ڊاڪٽر پهتو ۽ زخمي تڙپندا رهيا. بعد ۾ اسپتال پهتل ڊيوٽي ڊاڪٽر پيرسن حسين سومرو جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي. جڏهن تہ زخمين کي طبي امداد ڏني وئي. هوڏانهن دڙو جي سرڪاري اسپتال ۾ ايمبولينس نہ ملڻ ڪري فوتي پيرسن جو لاش پرائيويٽ سزوڪي ۾ گهر آندو ويو. لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو. ان سلسلي ۾ وارثن موجب گهر اندر ويٺل وڻ ۾ ماکي ويٺل هئي ٻارن ماکي کي پٿر هنيا تہ ماکي مچڙجي گهر ڀاتين مٿان حملو ڪري ڏنو. جنهن ۾ ڏنگ لڳڻ ڪري پيرسن حسين سومرو فوت ٿي ويو ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا. وارثن ٻڌايو تہ اسپتال ۾ ڊيوٽي تي موجود ڊاڪٽر ۽ دير سان پهتو ۽ ايمبولينس نہ ملڻ ڪري اسان پيرسن جو لاش سزوڪي ۾ رکي ڳوٺ کڻائي آياسين. وارثن دڙو رورل هيلٿ سينٽر جي ديوٽي ڊاڪٽر ۽ ايمبولينس ڊرائيور خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو.

بقايا — سنڌيار — 22

پاران ٻن هنڌن تي الڳ الڳ زهريلو پاڻي ڇوڙ ڪري ڇڏيو سوين ايڪڙ زمين پاڻي هيٺ ڳوٺ ٻڏڻ جو خطرو مختلف ڳوٺن جي رهواسين پاران ڊمپنگ پرسان راڄوٽي ڪٺ، ڪمپنين جي زيادتين خلاف سخت نعريبازي. تفصيل موجب:ٿرڪول بلاڪ ون تي ڪم ڪندڙ ڪمپنين جي زيادتين خلاف متاثر مسلسل سراپا احتجاج بڻيل آهن،سائينو سنڌ ۽ شهنگائي ڪمپني پاران ڪوئلي جي کوٽائي دوران نڪرندڙ زهريلي پاڻي کي الڳ الڳ ٻن هنڌن تي ڇوڙ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي،مختلف ڳوٺن جي رهواسين پاران اسلام ڪوٽ پريس ڪلب اڏو مهينو کن احتجاج ڪرڻ بعد گذريل ڏينهن ڪمپني پاران گهرن پرسان ڪيل ڊمپنگ جي پرسان ڪئمپ قائم ڪري راڄوٽي ڪٺ ڪوٺايو ويو جنهن ۾ ڳوٺ تلوايو ۽ ورواڻي،چار جي واند سميت مختلف ڳوٺن جي رهواسين سبحان لنجو،ڪڪو مهراڻپوٽو،فدا مهراڻپوٽو،صلاح مهراڻپوٽو اموليڪ ميگهواڙ سميت وڏي تعداد ۾ ڳوٺاڻن شرڪت ڪئي جتي متاثرن پاران ڪمپنين جي زيادتين خلاف سخت احتجاج ڪري نعريبازي ڪئي ويئي انهي موقعي تي ڳوٺاڻن دانهيندي چيو تہ بلاڪ ون تي ڪم ڪندڙ ڪمپنين اسان جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي ڪمپنين 2019 ۾ جيڪا اسان ايگريمينٽ ڪئي انهي تي ٽڪي جو عمل نہ ڪيو آهي ويتر اسان تي هر روز نوان ظلم ۽ زيادتين جا پهاڙ ڪيرايا پيا وڃن اسان کي نہ گهرن جو معاوضو نہ وري زمينن جو معاوضو ڏنو وڃي ٿو ڪمپني عملدار ڏاڍ مڙسي ڪري گهرن جي معاوضي جي رقم جا 42 لک روپيہ ڏيڻ بجاءِ ڪنهن کي 21لک تہ ڪنهن کي صرف 10 لک ڏنا آهن جڏهن تہ اسان جي صدين کان آباد ٿيندڙ زمينن کي ناقبولي ۾ ڄاڻائي انهن تي زبردستي قبضو ڪري زمين ۾ چئن طرفن کان وڏن پائيپن وسيلي کاڻ جو توڙي پاور پلانٽ جو ڪيميڪل وارو زهريلو گدلو پاڻي ڇوڙ ڪري نہ رڳو زمينون تباهہ ڪري ڇڏيون آهن پر بنا پلاننگ جي کليل ميدان ۾ پاڻي ڇڏڻ سبب ڪيترائي پيرا اسان جو چوپايو مال ڦاسي مري ويو آهي پاڻي جي سيپيج سبب پاڻي جي کوهن ۾ چاڙهہ اچڻ سبب کوهہ سڀ کارا ٿي ويا زمينون بنجر بڻجي ويون آهن متاثرن پنهنجا وڌيڪ درد ٻڌائيندي دانهيندي چيو تہ ڪمپني انتظاميہ اسان جون زمينون تہ کسيون پر هاڻي بغير معاوضي جي گهر کسي اسان کي لڏائڻ لاءِ، اسان جي بلڪل گهرن جي پرسان ڊمپنگ ڪري رهي آهي جنهن سبب اسين گهرن ۾ نہ سمهي سگهون ٿا نہ وري رهي سگهون ٿا برسات جي موسم ۾ تہ اسان جا گهر ئي پاڻي هيٺ هجن ٿا اسان حڪومت پاڪستان کان پڇون ٿا تہ اسان جو ڏوهہ ڪهڙو آهي جنهن جي اسان کي سزا ڏني پئي وڃي هنن چيو تہ اسان تہ خوش ٿيا هئاسين تہ اسان جي زمين مان ڪوئلو نڪتو آهي تہ جتي ملڪ ترقي ڪندو اتي اسان کي بہ فائدو ۽ سهولتون ملنديون ملڪي ترقي خاطر اسان پنهنجا گهر ٽڙ قبرستان سڀ ڪجهہ قربان ڇڏڻ لاءِ تيار ٿي وياسين پر ڪمپنين اسان سان دوکو ڪيو نہ اسان کي زمينن ۽ گهرن جو معاوضو ڏني نہ

وري ڪا سهوليت ناهي ايتري تائين جو روزگار ۾ بہ اسان کي نظرانداز ڪيو ويو آهي ۽ ڏهاڙي واري مزدوري تي بہ ٻاهرجا ماڻهو آڻي لڳايا ويا اسان جا ڪجهہ نوجوان لڳل هئا انهن کي بہ دانهڻ سبب روزگار کسيو ويو هن چيو تہ اسان ڪوئلي ڪڍڻ جا مخالف نہ هرگز نہ آهيون پر جو اسان کي ڪمپني جا عملدار هرروز ڌمڪائي هيسائي رهيا آهن اسان تہ صرف پنهنجا جائز حق گهرون ٿا حق گهرڻ تي اسان جي ماڻهن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا ڪمپني جا عملدار تہ اڃان بہ چٽي رهيا آهن خاموش ٿي لڏي وڃون نہ تہ دهشگردي جا ڪيس داخل ڪيا ويندا اسان ظلمن خلاف مسلسل دانهون ڪري رهيا آهيون پر اسان جي 10 کان مٿي ٿر جي نمائيندن سميت سنڌ حڪومت جي ڪن تي جون بہ نٿي سري اسان ننڌڻڪا ٻي يارو مددگار بڻجي پنهنجي ئي زمينن کي اکين اڏو تباهہ ٿيندي ڏسي پلاري مهيني پرو روزا رکي بہ روڊن تي احتجاج ڪري رهيا آهيون پر ڪير بہ اسان جي دانهن ٻڌو ٻڌي اسان چونڊيل نمائيندن کي هٿ ٻڌي عرض ٿا ڪريون تہ خدارا اسين توهان جا پنهنجا آهيون سياست کي هڪ پاسي تي رکي توهان سمورا نمائيندا سڀ گڏجي هڪ دفعو وزٽ ڪري اسان جي ٿيندڙ تباهي کي پنهنجي اکين سان ڏسي وڃو ۽ اسان جي دانهن ٻڌو جيڪڏهن اسان جو ڪو ناجائز مطالبو هجي تہ اسان پنهنجا گهر خاموشي سان خالي ڪري هليا ويندسين جي ڪمپني غلط آهي تہ عملدارن کي پابند ڪيو وڃي تہ ڪيل واعدن تي عمل ڪري هنن چيو تہ اسان غريب مسڪين آهيون اسان سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سميت چيف آف آرمي سميت اختيارين کي اپيل ٿا ڪريون تہ اسان سان ٿيندڙ ظلم جو نوٽيس وٺي اسان سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ اسان جي احتجاج جو سلسلو جاري رهندو

بقايا — سنڌيار — 23

ٿيڻ جي صورت ۾ پوليو مهم جي بائيڪاٽ جو اعلان سکرجي ليڊي هيلٿ ورڪرز طرفان حفيظ پٺو، ثميند ميراڻي ، صوبيہ راجپوت، فرزانہ ، رميزاحمد ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سکر پريس ڪلب آڏو ڊبليو ايچ او جي عملدار ڊاڪٽر سهيل مجيدائو جي مبينہ زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي اڳواڻن جو چوڻ هو تہ ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن جي سکر ۾ مقرر ڪيل عملدار ڊاڪٽر سهيل مجيدائو پاران ڪافي عرصي کان نوڪريون ڪندڙ ليڊي هيلٿ ورڪرز کي حراسان ڪيو پيو وڃي هنن چيو تہ ڊاڪٽر سهيل طرفان سکر جي مختلف تعلقن مان پنج ايريا سپروائيزرز سميت سترنهن هيلٿ ورڪرز کي جبري طور هٽائي پنهنجي من پسند ليڊي هيلٿ ورڪرز کي مقرر ڪري رهيو جنهن سان اسان جي حق تلفي ٿي رهي آهي هنن سنڌ حڪومت ۽ صحت کاتي جي اعلي اختيارين کي چتاءُ ڏنو آهي جيڪڏهن ڪين بحال نہ ڪيو ويو تہ پوليو مهم جو بائيڪاٽ ڪيو ويندو

بقايا — سنڌيار — 24

حملن خلاف متاثر ملاح برادري جا سوين ماڻهون پنهنجي عورتن ۽ معصوم ٻارڙن سان گڏ گهاري شهر ۾ پهچي هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي متاثر ڳوٺ جعفر ملاح ۽ عبدالغني ملاح جي ڳوٺاڻن هڪ احتجاجي مظاهرو وڪيل علي حسن ملاح، محمد اشرف ملاح، الهيرايو ملاح، عبدالغني ملاح، نواز ملاح جي اڳواڻي ۾ ڪندي الزام هڻندي چيو تہ سندن ٻاثر ماڻهن جيئڻ جنجال بڻائي سندن رستا بہ بند ڪري ڇڏيا آهن. هنن چيو تہ ڪراچي جي رهواسي ٻاثر شخص عرفان راڻو، مقامي منشيات فروش دادو شورو سان ملي ڪري مسلسل ملاح برادري جي ڳوٺاڻن تي حملاءِ فائرنگون ڪري ڪين خوفزده ڪري سندن ڳوٺ جون زمينون قبضائڻ چاهين ٿا. هنن چيو تہ اسان مذڪوره ٻاثرن جي زيادتين خلاف پوليس ۽ روينيو عملدارن وٽ بہ دانهيو اهي. پر اهي ٻاثر هجڻ ڪري انهن خلاف ڪير بہ ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. جيڪي مسلسل ڳوٺاڻن کي ڌمڪائي ڪين پريشان ڪري نقصان جون ڌمڪيون پيا ڏين. جنهن مان ڳوٺاڻن کي نقصان جو انديشو آهي. هنن گهر ڪئي تہ ڪين ٻاثر ماڻهن جي زيادتين مان نجات ڏيارڻ انهن خلاف ڪاروائي ڪري ڪين تحفظ مهيا ڪرڻ سميت سندن گهرن تي حملا ۽ فائرنگون ڪندڙن کي گرفتار ڪري سندن بند ٿيل رستا بحال ڪري ڪين پريشاني کان بچايو وڃي. ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪرڻ سان گڏ انصاف لاءِ عدالت ۾ ويندسين.

بقايا — سنڌيار — 25

ڀٽو ضلعي گهوٽڪي پاران ڊي ايچ ڪيو پريس ڪلب کان گهنٽا گهر تائين احتجاجي ريلي، پريا ڪماري سميت سڀني مغوين جي بازيابي لاءِ چٽي نعريبازي. تہ مغوين جي آزادي لاءِ مختلف وقتن تي احتجاج ٿي رهيا آهن پر افسوس سنڌ جي مظلوم ماڻهن جي احتجاجن جو نوٽيس ناهي ورتو ويو پريا ڪماري سميت ٻين مغوين جي بازيابي لاءِ ٺوس قدم کنيا وڃن. اڳواڻ تفصيل موجب سنگرار مان اغوا ڪيل معصوم نيائي پريا ڪماري، ۽ ٻين مغوين جي آزادي لاءِ پاڪستان پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو ضلع گهوٽڪي پاران ڊي ايچ ڪيو پريس ڪلب کان گهنٽا گهر تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، ۽ پريا ڪماري سميت سڀني مغوين جي بازيابي لاءِ چٽي نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي حيدر ڪورائي، سعيد احمد منگي، معشوق چجڙ، فرمان ڪلهوڙو، مجاهد علي ڳبول، الطاف حسين ڳبول، واجد ميراڻي، الهڏنو بوزدار ۽ ٻين ٻڌايو تہ مغوين جي آزادي لاءِ مختلف وقتن تي احتجاج ٿي رهيا آهن پر افسوس سنڌ جي مظلوم ماڻهن جي احتجاجن جو نوٽيس ناهي ورتو ويو ۽ مغوين جي زندگي خطري ۾ پڻ آهي. اسان جو هڪ ئي مطالبو آهي تہ پريا ڪماري سميت ٻين مغوين جي بازيابي لاءِ ٺوس قدم کنيا وڃن. ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويندو.

بقايا — سنڌيار — 26

صحافي اتحاد. سميت مختلف سياسي، سماجي ۽ صحافي تنظيمين جي اڳواڻن جي شرڪت. رپورٽ موجب 31 مهينن کان معصوم پريا ڪماري کي بازياب نہ ڪرائڻ، صحافي جان محمد مهر، ٽريڊ يونين اڳواڻ اقبال لاڙڪ جا قاتل گرفتار نہ ڪرڻ ۽ سنڌ ۾ ڌاڙيل راڄ خلاف پريس ڪلب نوشهرو فيروز آڏو زبردست احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ پريا ڪماري جي بازيابي ۽ سنڌ ۾ ڌاڙيل ڪلچر ۽ صحافين جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعري بازي ڪئي ويئي. مظاهري ۾ پ پ شهيد ڀٽو جي صوبائي جنرل سيڪريٽري رحيم بخش ڪوسو. سنڌي ادبي سنگت جي ضلع رابطا سيڪريٽري اير ظفر تگر. سنڌ صحافي اتحاد جي ضلع آرگنائيزر يونس راڄپر، آل پاڪستان صحافت ڪائونسل سنڌ جي چيئرمين مولابخش مشوري خالد حسين چانڊيو، نظير احمد سولنگي، سنگت شاخ نوشهرو فيروز جي ساگر يوسف منگي، اياز راڄپر اسد علي عمراڻي افضل منگي شيرعلي مشوري ۽ ٻين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو تہ سنڌ اندر بدامني ڦهلائڻ ۾ حڪومتي وڏيرا ۽ ڀوتار ملوث آهن جن هٿ سان سنڌ جي امن واري ڌرتيءَ کي جهنم بڻايو آهي. هنن چيو تہ جيڪڏهن حڪمران سچائي تي اچن تہ پريا ڪماري کي منٽن ۾ بازياب ڪرائي سگهن پر انهن هٿ سان سنڌ ۾ هيءَ حالتون پيدا ڪري اغوائڻ ۽ ڌاڙيل ڪلچر کي فروغ ڏنو آهي. احتجاج کان پوءِ پ پ ش پ جي صوبائي اڳواڻ رحيم بخش ڪوسي صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ هن ملڪ ۾ انصاف نالي جي ڪابہ شيءِ ناهي. انصاف گهرون تہ ڪنهن کان گهرون چوجو حڪمران ڌاڙيلن جا سرپرست آهن هن چيو تہ فورن پريا ڪماري کي آزاد ڪيو وڃي ۽ سنڌ مان ڌاڙيل ڪلچر ختم ڪري سنڌي ماڻهن کي سک جو ساهہ کڻڻ ڏنو وڃي. سنڌ صحافي اتحاد جي اڳواڻ يونس راڄپر چيو تہ شهيد صحافي جان محمد مهر ۽ پورهيت اڳواڻ اقبال احمد لاڙڪ جا سمورا قاتل گرفتار ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ عيد کان پوءِ ڀرپور تحريڪ هلائي ويندي

بقايا — سنڌيار — 27

مهر علي شاهہ نشي آور گوريون کارائي موبائيل کسيو بعد ۾ ايس ايس پي بدين کي درخواستي ڏيڻ بعد جوابدارن ڪين اوطاق تي گهرائي زهر ڏنو هو جيڪو گهر پهچندي شهزاد ٻڌايو هو تہ مون کي عمران قاضي ۽ مهر علي شاهہ زهر ڏنو آهي آئون مري رهيو آهيان تہ سندس خلاف قانوني ڪاروائي ڪرائيندا جنهن بعد شهزاد جي حالت خراب ٿي وئي جنهن کي اسان انڊس اسپتال

ڪٽي ويا سين جتان حيدرآباد نيو پيٽي ويا سين تہ فوت ٿي ويو هوڏانهن ٽنڊو پوليس فريادي جي فرياد تي ٻن جوابدارن عمران قاضي ۽ مهر علي شاهہ تي ڏوهہ 382ـ322ـ34 پي پي سي تحت ڪيس داخل ڪري ڇڏيو جڏهن تہ ٻنهي جوابدار عمران قاضي ۽ مهر علي شاهہ ٽنڊو پوليس وٽ پيش ٿيا آهن

بقايا — سنڌيار — 28

ايس پي ٺٽو ڊاڪٽر محمد عمران خان سميت پوليس آهلڪارن جو وڏو انگ کلي ڪچهري ۾ موجود هو ايس ايس پي ٺٽو عوام جون شڪايتون ٻڌيون ۽ فوري طور تي شڪايتن تي عمل ڪرڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا. ايس ايس پي ٺٽو ڊاڪٽر محمد عمران خان جي ٺٽي ۾ مقرري کي عوام پاران تمام گهڻي ساراهيو ويو کلي ڪچهري ۾ خطاب ڪندي ايس ايس پي ٺٽو چيو تہ کلي ڪچهري جو مقصد پوليس ۽ عوام وچ ۾ پيدا ٿيل وٿي کي ختم ڪرڻ آهي، سندس چوڻ هو تہ ڌوهاري ڪيترو بہ ٻاٿر هجي بخش نہ ڪيو ويندو هن چيو تہ ٺٽي ۾ پوليس جي ڪا وڏي نفري جي موجودگي ناهي پر ان جي باوجود اسان پوليس کي پابند ڪنداسين تہ هو پنهنجي فرض کي سٺي نموني سرانجام ڏين ٺٽي ۾ ڏوهن کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪنهن بہ قسم جي ڪا بہ ڪوتاهي ڪنهن بہ صورت ۾ برداشت نہ ڪئي ويندي، اسان جا دروازا عوام لاءِ 24 ڪلاڪ کليل آهن.

بقايا — سنڌيار — 29

گهاري ۾ قتل ٿيل عبدالخالق قريشي جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهري کي خطاب ڪندي جيئي سنڌ محاذ جي وائيس چيئرمين سيد نواز شاهہ پاڏائي چيو تہ اسان سڄي سنڌ ۾ هميشہ مظلوم جو آواز بڻجندا رهون ٿا سڄي سنڌ ۾ بدامني زور تي آهي شهر ۾ اسٽريٽ ڪرائم ۽ ٻهراڙين ۾ ڌاڙيل ڪلچر قائم ڪيو ويو آهي پريا ڪماري جي والده رت جا ڳوڙها ڳاڙي رهي آهي ۽ پيپلز پارٽي جي خورشيد شاهہ جي پائيتن پريا ڪماري کي انڪري يرغمال بڻائي رکيو آهي تہ پريا جي والده انهن وهشين جي ڳالهہ مڃي اهو انڪشاف پريا جي والده ڪيو آهي. نواز شاهہ پاڏائي چيو تہ گهاري شهر ۾ ڪجهہ ڏينهن اڳ هڪ نوجوان راهہ ويندي قتل ٿئي ٿو ۽ انهي هفتي ۾ هڪ واپاري پڻ قتل ٿئي ٿو پر پوليس روايت قائم ڪندي هميشہ جيان ٽال مٽول ڪندي رهي ٿي اسان پرزور مطالبو ٿا ڪريون تہ گهاري شهر جي صحافي عابد قريشي جي ڀاءُ عبدالخالق قريشي جي قتل ۾ جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي پريا ڪماري کي جلد آزاد ڪيو وڃي جيڪر نہ تہ اسانجو احتجاج 31 مارچ تي ميرپور ساڪري ۾ ضرور ٿيندو ۽ ضلعي سميت سڄي سنڌ جي نيائين ۽ مظلوم ماڻهن کي اڪيلو نہ ڇڏينداسين هر موڙ تي مظلومن سان گڏ هونداسين. ان موقعي تي اڳواڻن جسقم اياز شاهہ جيلاني. ايس ٽي پي جي عمر ناهيو نظير ڀهنو، رياض ناهيو، بلاول پاٻوڙو ۽ ٻين خطاب ڪيو

بقايا — سنڌيار — 30

مڪمل مسافر ريل گاڏين جي بحالي لاءِ هڪ سال کان هلندڙ جدوجهد ۾ 2 مسافر ريل گاڏيون موهن جو دڙو ايڪسپريس ۽ بولان ميل بحال ٿيڻ بعد باقي رهيل ريل گاڏين جي بحالي لاءِ فورم جي سرواڻ مشهور ميمڻ ۽ ٻين سيتا روڊ ريلوي اسٽيشن تي ٽرينن جي بحالي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو

بقايا — سنڌيار — 31

پنڊ جي حوالي سان ڊپٽي ميئر چيو تہ نئون ڳوٺ ۾ واٽر سپلاءِ ۽ ڊرينيج لاءِ لائين منصوبوين جي ڪري روڊن جي ڪم تاخير ٿي آهي ۽ ڇاڪاڻ تہ نئون ڳوٺ ۾ پنجاهہ سال پراڻي واٽر سپلاءِ ۽ ڊرينيج لائين بند ٿي چڪي هئي جنهن سبب اسان نئي لائينون نيون وڇايون جنهن سان هاڻ شهرين جا مسئلا مڪمل طور حل ٿي ويندا هن چيو تہ اسان نيو پنڊ علائقي جا مسئلا بہ تقريبن حل ڪري ڇڏيا آهن. هر گلي محلي ۾ ٽائلز لڳائي وئي آهي واٽر سپلائي ۽ ڊرينيج منصوبو مڪمل ٿيندي ئي ان تي ڪانوڙ روڊن جو ڪم شروع ڪيو ويندو. ڊپٽي ميئر ڊاڪٽر ارشد مغل سکر جي عوام کي اپيل ڪندي چيو آهي تہ هي شهر اسان جو آهي ۽ ان جي حفاظت ڪرڻ بہ اسان جي ذميواري آهي ۽ ان ڪري اسان سڀني کي گڏجي پنهنجي شهر لاءِ ڪم ڪرڻو پوندو. پنهنجي علائقن، گهٽين ۽ ٻاڙين جي حفاظت ڪرڻي پوندي ۽ جتي اسان جي ڪم غلط ٿيڻ ڪريون ٿا تہ ان جي نشاندهي ڪريو تہ جيئن اسان اهي مسئلا حل ڪرائي سگهون هن چيو تہ جڏهن اسان گڏجي پنهنجي شهر لاءِ ڪم ڪنداسين تہ پوءِ اسان جا سڀ مسئلا حل ٿي ويندا اچو تہ اسان سڀ گڏجي پنهنجي هن شهر کي صاف سٿرو بڻائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪريون

بقايا — سنڌيار — 32

گرفتار ڪري ورتو ڪراچي ڪرچ زريعي ٻهتو منهنجو ڪنهن سان بہ نڪاح ناهي ٿيو هڪ آيل ناري عظما ناري کي اغوا ناهي ڪيو ڪيس نڪاح ڪيو آهي گرفتار دعويدار مڙس رشيد ملڪ اغواڪيائل ناري کي لاڳاپيل ڪورٽ ۾ اڄ پيش ڪيو ويندو پوليس

سنڌ تي ڪراچي پريس ڪلب پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ بينر پريا ڪماري جون تصويرون کنيل هيون مظاهرين پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ چٽي نعريبازي ڪري رهيا هئا مظاهري کي خطاب ڪندي مزاحيہ اداڪار سهراب سومرو ، ڪامريڊ مرڪ منان ، سينئر صحافي مهيش ڪمار ، ايوب شيخ ، افروز ڪتيپر ۽ ٻين چيو تہ افسوس جي ڳالهہ آ جو اسانجي ملڪ جون طاقتور قوتون هڪ محصور نيائي جي بازياب ڪرائي ناهي سگهيا آهن اڍائي سالن کان گم ٿيل پريا ڪماري جي گهر ۾ ماتم مٿل آهي پر افسوس اسان جي حڪومت تي مشسلي تي الائي چو خاموش آهي مظاهرين چيو تہ هڪ محصور نيائي جو آخر ڏوهہ ڪهڙو آهي اڄ ان جي جيجل جي اکين ۾ پنهنجي رابيل جي واپسي لاءِ نيڻ انتظار پيا ڪن پر افسوس اسان جي ڪرپٽ نظام سڄو سسٽم خراب ڪري عوام کي پريشان ڪيو ويو آهي مظاهرين چيو تہ آخر ڪار سنڌ حڪومت توڙي رياستي ادارا بہ ان مشسلي تي بلڪل خاموش بڻيل آهن جڏهن تہ اقليت جا چونڊيل نمائندا بہ بلڪل خاموش تماشائي بڻيل آهن مظاهرين چيو تہ جيڪڏهن پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ سنڌ حڪومت توڙي رياستي ادارن سنجيدگي سان نہ ورتو پوءِ دما مست قلندر ڪنداسون

بقايا — سنڌيار — 34

جي هڪ هٽي قائم ، خير موجب ، پنگوبهڻ ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ ڪڻڪ جو فصل تيار ٿي مارڪيٽ ۾ پهچي چڪو آهي، جڏهن تہ اڃا تائين يونين ڪائونسل پنگوبهڻ اندر هميشہ جيان ڪڻڪ خريداري لاءِ قائم ٿيندڙ سينٽر بہ کلي نہ سگهيو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ اناج اپائيندڙ هاري پريشانين کي منهن ڏئي رهيو آهي. ان موقعي تي هارين ۽ آبادگارن احسان پنگو، مٺل شر، امداد راڄپر ۽ ٻين چيو تہ 6 مهينن تائين رات ڏينهن محنت ڪري فصل کي تيار ڪيو آهي. پر پوءِ بہ سرڪاري اگهہ 4000 بدران واپارين کي 3500 في من وڪرو ڪرڻ تي مجبور آهيون. جڏهن تہ واپاري وري 5 کان 7 ڪلو في پوري ڪٽوتي ڪري رهيا آهن. پر سرڪار ڪو بہ تحرڪ نٿي وٺي، هنن چيو تہ يوريا، ڊي اي پي ڀاڻ، ٻج توڙي تيل مهانگو هجڻ ڪري في ايڪڙ 50 هزار خرچ ڪري چڪا آهيون. پر ان آڌار سان اگهہ نٿو ملي جنهن ڪري سال لاءِ پيٽ جو پيٽ ڀرڻ لاءِ اناج بہ ناهي رکي سگهون. هنن دانهيو تہ ڪجهہ مهينن بعد واپاري اسان کان ورتل ڪڻڪ ٻيڻي اگهن تي وري اسان غريبن کي ٿي وڪرو ڪندا. هنن سرڪار کان فوري طور ڪڻڪ خريداري سينٽر کولڻ جو مطالبو ڪيو آهي تہ جيئن اناج اپائيندڙ هاري کي بهتر اگهہ ملي سگهي.

بقايا — سنڌيار — 35

۾ هندو برادري پاران رنگن جو تهوار هولي جو ڏهاڙو سادگي سان ملهايو ويو. ڏهاڙي جي ان موقعي تي سجاول شهر جي هندو برادري ۽ سول سوسائٽي پاران ٻہ سال اڳ گم ٿيل معصوم پرياڪماري جي آزادي لاءِ هندو محلا شو مندر کان پبلڪ پارڪ تائين ريلي ڪڍي وئي. ريلي ۾ هندو برادري سميت سول سوسائٽي، سياسي سماجي ۽ مختلف تنظيمن جي اڳواڻن ۽ شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ريلي کي خطاب ڪندي هندو پنچائت ضلع سجاول جو صدر ڊاڪٽر هوت چند، ڊاڪٽرشيام ڪمار، ڊاڪٽرچيلا رام، شهري اتحاد اڳواڻ نثاراحمد ميمڻ، سجاڳ فورم اڳواڻ گل حسن رند، صوفي سنگت اڳواڻ سلطان ڪوسو ۽ ٻين چيو تہ پريا ڪماري کي اغوا ٿئي ٻہ سال گذري ويا آهن پر اڃا تائين آزاد نہ ٿي آهي هي هڪ هندو جي نيائي نہ پر هن سنڌ ڌرتي تي رهندڙ هر هڪ غيرت مندن جي نيائي آهي، پريا ڪماري جي امڙ ٻن سالن کان پنهنجي معصوم نيائي جي بازيابي لاءِ تڙپندي زارو قطار روئندي هتي جي حڪمران کي اپيل ڪندي رهي پرافسوس حڪمرانن جي ڪنن تي جون بہ نٿي چري اسان چيف جسٽس آف پاڪستان ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ٿا ڪريون تہ فوري طور تي معصوم پريا ڪماري کي بازياب ڪرايو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 36

، ڌاڙيل ڪلچر، اغواڪاري، سنڌ جي استادن جو قتل عام، سنڌ جي معصوم نيائي پرياڪماري جي اغوا خلاف جيئي سنڌ محاذ ٽنڊو محمد خان جي ضلعي صدر ايوب ڪوريجو جي اڳواڻي ۾ قليلي پل کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، ان موقعي تي ضلعي صدر ايوب ڪوريجو، نائب صدر اصغر نوناري، مجاهد هاليپوٽو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو تہ معصوم پريا ڪماري جي اغوا کي 22 مهينا گذري چڪا آهن پر اڃان تائين معصوم نيائي پريا ڪماري بااثر وڏيرن جي چنگل مان آزاد نہ ٿي سگهي آهي هندو برادري سندن مذهبي ڏڻ هولي جي رنگن سان رنگجي خوشيون ملهائي رهي آهي پر معصوم نيائي پريا ڪماري جي امڙ رت ڳوڙها هاري رهي آهي ، سنڌ مان مڪمل امن ختم ٿي چڪو آهي هر طرف ڌوهاري امن قائم ٿي چڪو آهي رياستي ادارا امن ڪرائڻ ۾ مڪمل ناڪام

ايس ايس پي ٺٽو کان مطالبو ڪيو تہ فورن درگاهہ تان چوري ٿيل بيٽريون واپس ڪرائي درگاهہ کي اونداهہ مان نجات ڏيارڻ نامعلوم چورن کي گرفتار ڪري درگاهن جو تقدس بحال رکي درگاهہ تي سيڪيورٽي جا انتظام بهتر ڪري زائرين کي پڻ تحفظ مهيا ڪيو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 38

چيو تہ سنڌ ۾ جاني واڻي ڌاڙيل ڪلچر کي هٿي ڏني وئي آهي، ڪنهن جي بہ جان ۽ مال محفوظ نہ آهي. سنڌ کي ڌاڙيلن حوالي ڪرڻ بند ڪيو ڪانفرنس 29 مارچ تي حيدرآباد ۾ ڪوٺائي ويندي. جنهن ۾ اديب، وڪيل، سماجي اڳواڻ ۽ سياسي پارٽيون شرڪت ڪنديون. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ عوامي تحريڪ جي قائد رسول بخش پليجو جي ڇهين ورسي جي موقعي تي عوامي تحريڪ پاران شاندار جلسو ڪيو ويندو، جلسي ۾ ڪراچي کان هزارين ماڻهو قافلي جي صورت ۾ قائد کي خراج تحسين پيش ڪندا. هنن اجلاس ۾ خطاب ڪندي چيو تہ پيپلزپارٽي سنڌي وسندين جو سودو ڪري اقتدار حاصل ڪيو آهي. ڪراچي جي سنڌي وسندين کي بنيادي سهولتن کان محروم ڪيو ويو آهي. هنن مطالبو ڪيو تہ سنڌ ۾ قائم ٿيندڙ فيڪٽرين ۾ سنڌي مزدورن کي اوليت جي بنياد تي روزگار ڏنو وڃي. افغانستان مان اسمگل ٿيل اسلحو ڌاڙيلن کي ڏئي سنڌ جو امن بہ وانا وزيرستان وانگر تباهہ ڪيو ويو آهي، سندن چوڻ هو تہ هائوڪي حڪومت جنرل ضياءَ جي پاليسين تحت سنڌ جي شهرن کي اير ڪيرايئم جي دهشتگردن ۽ ٻهراڙين کي ڌاڙيلن حوالي ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا — سنڌيار — 39

پيپلزپارٽي جي اميدوار آصف خان ۽ پي ايس 98 تي چونڊ وڙهندڙ پيپلزپارٽي جي اڳواڻ حاڪم علي جسڪاڻي سان سماجي اڳواڻ اقبال حسين چنہ جي اڳوائي ۾ وفد جي ملاقات نيائين جو مستقبل تباهہ ٿيڻ نہ ڏينداسين. پاڪستان پ پ جي اعلي قيادت سان ملاقات ڪري قبضوختم ڪرايو ويندو آصف خان. حاڪم علي جسڪاڻي تفصيل موجب ڪراچي جي قديم سنڌي وسندي شاهنواز شر ڳوٺ ۾ قائم گورنمينٽ گرلز ڪاليج ووڪيشنل سينٽر. (هنري سڪيا جوگهي) ۽ شهيد محترمہ بينظيرڀٽو پارڪ تي قبضو ڪندڙ محبوب عباسي جي ڏاڍ خلاف علائقي جي معزز، سياسي سماجي شخصيتن تي ٻڌل ڪاميٽي اقبال حسين چنہ سيد حزب الله شاهہ بخاري. سيد احمد شاهہ ڪاظمي. غلام سرور جوکيو ايس اين پي جي سينئير وائيس چيئرمين رمضان بليدي. ذوالفقار سولنگي، ارشاد سومرو. آصف سومرو. اڪبر ميراڻي. اياز سومرو ۽ ٻين پاڪستان پيپلزپارٽي سنڌ ڪائونسل جي ميمبر ۽ تازو اين اي 235 تي چونڊ وڙهندڙ پيپلزپارٽي جي اميدوار آصف خان ۽ پي ايس 98 تي اليڪشن وڙهندڙ پ پ پ اميدوار حاڪم علي جسڪاڻي سان سندس آفيس تي ملاقات ڪري چيو تہ گرلز ڪاليج. ووڪيشنل سينٽر(هنري سڪيا جو گهي) ۽ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو پارڪ تي ڊگهي عرصي کان قبضہ گير ۽ لينڊ گريبر محبوب عباسي قبضو ڪري ڪورٽ کان اسٽي آرڊر وٺي ويٺل آهي. جنهن کان اسٽي آرڊر ۽ قبضو ختم ڪرائي ڏنو وڃي تہ جيئن علائقي جون معصوم نيائيون تعليم حاصل ڪري سگهن ۽ علائقي واسين لاءِ بهترين تفريح لاءِ هڪ پارڪ تيار ڪرايو وڃي. ان موقعي تي اين اي 235 جي تي چونڊ وڙهندڙ پ پ پ اميدوار آصف خان چيو تہ ڪاليج ووڪيشنل سينٽر ۽ پارڪ لاءِ ليپس ٿيل فنڊ واپس ڪرائينداسين. پاڪستان پيپلزپارٽي پارٽي پاران ڏنل پروجيڪٽس تي ڪنهن کي بہ ناجائز قبضو ڪرڻ نہ ڏينداسين ڀلي هو ڪهڙو بہ پارٽي سان تعلق چونہ رکندو هجي. محبوب عباسي سان بہ ڳالهائينداسين تہ ناجائز ڪيل قبضوختم ڪرائي علائقي واسين کي سمورين سهولتون فراهم ڪنداسين. جڏهن تہ پي ايس 98 تڪ چونڊ وڙهندڙ پيپلزپارٽي اميدوار حاڪم علي جسڪاڻي ڪاميٽي جي معزز اڳواڻن کي بهتر موٽ ڏيندي چيو تہ آءِ هن جائز معاملي تي پارٽي جي اعلي قيادت پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري. فريال تالپر. پاڪستان پيپلزپارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ کي پڻ آگاهي ڏيندس. هن چيو تہ گرلز ڪاليج. ووڪيشنل سينٽر(هنري سڪيا جو گهي) ۽ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو پارڪ تي ڪنهن بہ صورت ۾ قبضو ڪرڻ نہ ڏينداسين. هي اسان جي نيائين جي مستقبل جو مسئلو آهي. ان تي خاموش نہ ويهنداسين ۽ نہ ئي ڪنهن جو ڏاڍ برداشت ڪبو هن چيو تہ پي ايس 98 جي تڪ جي عوام اليڪشن ۾ منهنجو ڀرپور ساٿ ڏنو ۽ مون بہ عوام سان واعدو ڪيو هيو تہ آءِ پنهنجي وس آهر سندن خدمت ڪندس. گرلز ڪاليج. ووڪيشنل سينٽر(هنري سڪيا جو گهي) ۽ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو پارڪ اهم مسئلو آهي ان تان ڪڏهن بہ دستبردار نہ ٿيندس ۽ تڪ جي عوام کي ڪڏهن بہ مايوس نہ ڪندس.

بقايا — سنڌيار — 40

ڊاڪٽر دير سان پهچڻ سبب مريض تڙپندا رهيا،

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار — Reg No 2677 — Daily SINDHYAR Karachi — NTN 4129440-8 — www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر بہ شروع ٿي وئي آهي، روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي بہ سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نہ گهرجن. پر جنهن وقت بہ ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ بہ ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com